روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد ڇهون) سومر 06 فيبروري 2023ع بمطابق 14 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 254

ڀارت پنهنجي ئي سرزمين تي ڪشميرين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪري رهيو آهي: بلاول

ڪشميرين کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن موجب حق خود ارادیت ملڻ تائين ڪشمير مسئلو پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي اهم ٿنڀ رهندو

پاڪستان والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن تي خاموش نه ويهندو، پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي قربانين کي سلام پيش ڪري ٿو

ستن ڏهاڪن کان ڀارتي فوج ڪشميرين تي ظلم ڪري سندس حقن کان محروم ڪيو آهي، ڀارت کي والاريل ماڙي ۾ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ختم ڪرڻيون پونديون

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو هوتڪ ڪشمير مسئلي تي نند ۾ نه غلطي نٿو ڪري سگهجي، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ڪشميري عوام سان ٻڌي جي اظهار لاءِ ڏهاڙو ملهائڻ جو فيصلو ڪيو

ڀارت 5 آگسٽ 2019ع جي پنهنجي غيرقانوني ۽ هڪ طرفي فيصلي ذريعي والاريل ڪشمير جي ماڻهن کي دٻائڻ جو نئون باب کولي ڇڏيو آهي: پرڏيهي وزير

ڀارتي حڪمران جونڊ تکڻ جي تازي تڪبندي، غيرڪشميرين کي لکين ڊوميسائل سرٽيفڪيٽس جاري ڪرڻ سان گڏوگڏ ووٽر لسٽن ۾ لکين غيرڪشميرين کي شامل ڪيو آهي

ڪراچي (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته جيستائين ڪشميري ڀارتي ... بقيو بلاول ڀٽو زرداري ڪشميرين سان يڪجهتي جي موقعي تي پنهنجي ... سکون سان نه ويهندو ۽ خاموش تماشائي ... پاڪستان جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن موجب حق ... خود ارادیت ملڻ تائين ڪشمير مسئلو پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪشمير جي وادي معصوم مسلمانن جي رت سان رنگيل آهي: وزيراعظم

پوري پاڪستاني قوم پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان سندن جدوجهد ۾ گڏ آهي، ڀارت والاريل ڪشمير کي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، والاريل ڪشمير بيگناهه مسلمانن جي رت سان لال آهي: شهباز شريف

پاڪستاني عوام ۽ حڪومتن هميشه ڪشميرين جي حمايت ڪئي آهي، سموريون پارٽين جو اتحاد ڏسي ڀارت ضرور پريشان ٿيندو

ڪشمير کي آزادي ڏيارڻي آهي ته معاشي طاقت به ضروري آهي، ان جي صفن ۾ اتحاد ۽ معاشي استحڪام آڻڻو پوندو

ڪشميرين کي حق ڏيڻا آهن ته پاڪستان کي معاشي طور مضبوط ڪرڻو پوندو، اختلاف وساري سادگي اختيار ڪرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ گهرجن

هن وقت ڪيترائي مالي چئلينج آهن، آءِ ايم ايف حساب ڪتاب گهري رهيو آهي، سندس وفد هڪ وقت هڪ شيءِ ڏسي رهيو آهي

ان کان اڳ آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

مظفرآباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته والاريل ڪشمير بيگناهه مسلمانن جي رت سان لال آهي، آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته ڀارت والاريل ڪشمير کي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، وزيراعظم چيو ته پاڪستاني عوام ۽ حڪومتن هميشه ڪشميرين جي حمايت ڪئي آهي، سموريون پارٽين جو اتحاد ڏسي ڀارت ضرور پريشان ٿيندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03



مظفر آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

جنرل (ر) پرويز مشرف 79 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

دبئي جي آمريڪن اسپتال ۾ هو داخل هو، ابوظهبي ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ترجمان شازيا سراج سندس وفات جي تصديق ڪئي آهي

پرويز مشرف ڪافي عرصي کان دبئي جي آمريڪي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو، هن کي جسم ۾ پروٽين جمع ٿيڻ جي عجيب بيماري هئي

سومر تي پاڪستان مان سي ون ٿرٽي سندس لاش کڻڻ لاءِ ويندو، فيملي ميمبر ٻه گڏ ايندا، سوگوارن ۾ زال صهبا مشرف، نياڻي عائلا ۽ پٽ بلال ڇڏيا آهن

دبئي (م ڊ) اڳوڻو فوجي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف دبئي ۾ گذاري ويو، هو ڪافي عرصي کان دبئي جي آمريڪي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو. ابوظهبي ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ترجمان شازيا سراج سندس وفات جي تصديق ڪئي آهي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي صدر ۽ وزيراعظم پاران افسوس جو اظهار

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي ۽ وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي وفات تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. صدر عارف علوي پرويز مشرف لاءِ مغفرت ۽ مرحوم جي گهرڀاتين جي لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي. انڪانسواءِ وزيراعظم شهباز شريف پرويز مشرف جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو. پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم مرحوم جي گهرڀاتين سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو ۽ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي.

چوڌري شجاعت ۽ پرويز الاهي طرفان پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

لاهور (م ڊ) پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي مسلم ليگ ق جي سربراهه چوڌري شجاعت حسين ۽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هڪ بيان ۾ چوڌري شجاعت چيو ته هو پرويز مشرف جي پوئلڳن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي. پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي به اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي وفات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آرمي چيف جنرل عاصم منير اهم دوري تي برطانيا پهچي ويو

جنرل عاصم منير سيڪيورٽي، اسٽريٽجڪ معاملن تي برطانوي اختيارين سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو

جنرل عاصم منير کي برطانيا جي بجاءِ وزارت طرفان دوري جي دعوت ڏني وئي هئي: ذريعا

لنڊن (م ڊ) چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير برطانيا پهچي ويو آهي، ميڊيا رپورٽس موجب جنرل عاصم منير ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪ جي سياسي ۽ فوجي قيادت پاران پرويز مشرف جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار

صدر عارف علوي پرويز مشرف لاءِ مغفرت ۽ مرحوم جي گهرڀاتين جي لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي

پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف مرحوم جي گهرڀاتين سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ جي سياسي ۽ فوجي قيادت پاران اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي وفات تي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڀارتي ظلم خلاف ڪشميرين جي آزادي لاءِ جدوجهد جي حمايت جي تجديد جو ڏهاڙو آهي: شرجيل ميمڻ

ڀارتي تسلط کان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڪشميري اڪيلا ناهن، اسان سائن گڏ آهيون، ڪشميرين پنهنجي قربانين جي ذريعي ڪشمير مسئلي کي زندهه رکيو آهي

مودي سرڪار ڀارتي آئين جي آرٽيڪل 370 کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري والاريل وادي کي دنيا جي سڀ کان وڏي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي: صوبائي وزير

9 لک ڀارتي فوج وادي جي عوام جي زندگي عذاب ڪري ڇڏي آهي، مودي جو اهو هڪ پراڻو خواب ۽ ايجنڊا هو، جنهن تي عمل ڪري هن آر ايس ايس ۽ هندو انتها پسندن کي خوش ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سنڌسماءَ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪشميرين سان ايڪتا ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته 5 فيبروري ڀارتي ظلم ۽ جبر خلاف ڪشميرين جي آزادي لاءِ لازوال جدوجهد جي حمايت جي تجديد جو ڏهاڙو آهي هن چيو ته ڀارتي تسلط کان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڪشميري اڪيلا ناهن، اسان سائن گڏ آهيون، ڪشميرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

گجر خان: اڳوڻو وزيراعظم راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪندي

ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس جو ڪشمير ٻڌي ڏهاڙو ملهائڻ تي پاڪستاني حڪومت ۽ عوام جو شڪريو

سرينگر (م ڊ) غيرقانوني طور تي ڀارت جي قبضي هيٺ جموں ۽ ڪشمير ۾ ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس حق خود ارادیت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشميرين جي جدوجهد جي حمايت ڪرڻ تي پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام جو شڪريو ادا ڪيو آهي ڪشميري ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪشميري ٻه سئو ورهين کان آزادي لاءِ تڙپي رهيا آهن: سراج الحق

ڪشمير جي آزادي تائين جدوجهد جاري رکڻ جو عزم اڄ پوري قوم ورجايو، مظلوم ڪشميري قوم ٻه سئو سالن کان آزادي لاءِ تڙپي رهي آهي

قابض ڀارتي فوج هٿان روزانو سراسري طور ٽي ڪشميري نوجوان شهيد ٿي رهيا آهن، هن وقت تائين ٻه لک ڪشميري شهيد ٿي چڪا آهن

والاريل ڪشمير دنيا جو سڀ کان وڏو قيد خانو آهي، ڪشمير ماڙي ۾ نو لک کان وڌيڪ ڀارتي فوج موجود آهي: جماعت اسلامي جو امير

اسلام آباد (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته دٻ ٿئي ٿو ته هنن حڪمرانن جي هوندي سرينگر ڪانهي مظهر آباد ۽ گلگت بلتستان به نه هٿن مان نڪري وڃن. اسلام آباد ۾ ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي تقريب کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ سرڪار ڪينسر جي مريضن جي علاج لاءِ 340 ملين رُپيا منظور ڪيا آهن: وڏو وزير

پيشنٽس ايڊ 1991ع کان جناح اسپتال ۾ غريب مريضن جي خدمت ڪري رهي آهي، تازو پيشنٽس ايڊ جناح اسپتال ۾ سائبر نائف ۽ ٽوموٿراپي جون ٻه مشينون لڳايون آهن

سنڌ سرڪار پنهنجين اسپتالن ۾ بنا فرق مفت علاج جون سهولتون مهيا ڪري رهي آهي، سنڌ حڪومت ڪينسر جو علاج مفت ڪري ٿي: سيد مراد علي شاهه

ڪينسر جي مريضن لاءِ حڪومت ٽي سئو چاليهه ملين رُپيا منظور ڪيا، پاڪستان جي 167 شهرن ۽ 15 ملڪن جا مريض جناح اسپتال مان ڪينسر جو مفت علاج ڪرائي چڪا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جناح پوسٽ گريجوئيٽس ميڊيڪل سينٽر (جي پي ايم سي) ۾ پراڻي سائبر نائيف مشينن ۽ اوزارن کي جديد ترين ٽيڪنالاجي ۾ متاثر لاءِ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن (پي اي ايف) کي 4.1 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ڪڍيل ريليءَ جو ڏيک

باجوا مڃيو ته عمران خان جهڙو بلنڊر اسان کان ٿيو: مريم نواز

اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا رٽائرڊ ٿيڻ وقت اِهو مڃيو ۽ ماڻهن کي چيو عمران خان جهڙو بلنڊر اسان کان ٿيو

هاڻي اعتراف ڪافي ناهي مُلڪ ۽ قوم جي نرڙ تي لڳل داغ کي ڌوئڻو پوندو، اڄ ڪشمير سان يڪجهتي جو ڏهاڙو آهي

والاريل ڪشمير جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ جوانن، مائرن ڌيئرن کي سلام پيش ڪيان ٿي، هڪ ڏينهن ڪشمير پاڪستان بڻبو

ملتان (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر ۽ سينيئر نائب صدر مريم نواز چيو آهي ته اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا رٽائرڊ ٿيڻ وقت اِهو مڃيو ۽ ماڻهن کي چيو عمران خان جهڙو بلنڊر اسان کان ٿيو. هاڻي اعتراف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ملتان: پاڪستان مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر مريم نواز پريس ڪانفرنس ڪندي

جماعت اسلامي جي ٻيهر ڳڻپ جي درخواست تي ڪو اعتراض ناهي: سعيد غني

اسان جي اميدوارن جي ٻيهر درخواست ڪئي به پئي وڃي، اڄ تائين ڪراچي جي ڪنهن به يوسي جو ڪو به نوٽيفڪيشن جاري ناهي ڪيو ويو

اليڪشن ڪميشن يارنهن سيٽن تي چونڊون ڪرائڻ چاهي ٿي جنهن ڪانپوءِ ميئر جي چونڊ ٿيندي، اها ڳالهه درست ناهي

پر اهو هڪ اهڙو پينڊورا باڪس هوندو جيڪو ايندڙ وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ جي چونڊن جي لاءِ مشڪلات جو سبب بڻجندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ليبر ۽ افرادي قوت واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته جماعت اسلامي جي ٻيهر ڳڻپ جي درخواست تي ڪو اعتراض ناهي پر اسان جو مطالبو آهي ته اسان جي اميدوارن جي ٻيهر درخواست ڪئي به پئي وڃي، اڄ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: سنڌ جي ليبر ۽ افرادي قوت وارو صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت کان پارليامينٽ جي عمارت تائين خصوصي ايڪتا ڏهاڙو واڪ جو اهتمام ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) مظلوم ڪشميري عوام جا حق خودارادیت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن منصفاڻي ۽ جائز جدوجهد ۾ انهن سان ٻڌي جو اظهار ڪرڻ لاءِ آچر تي اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت کان پارليامينٽ جي عمارت تائين خصوصي يوم يڪجهتي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو ڪشميري ميڊيا سروس مطابق پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران ڪشمير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مغرب جو رويو منافقت، نفاق ۽ تعصب تي ٻڌل آهي: مفتي منيب

مسلمان حڪمران اسلامي مقدسات جي توهين کي روڪڻ لاءِ موثر سفارتي ۽ اقتصادي قدم کڻن

مذهبي مقدسات جي توهين نفرت، ڪاوڙ، جارحيت ۽ عدم تحفظ کي جنم ڏئي ٿي: مشهور اسڪالر

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) مشهور مذهبي اسڪالر مفتي منيب الرحمان جو چوڻ آهي ته مغرب جو رويو نفاق، نفاق ۽ تعصب تي ٻڌل آهي، هڪ طرفي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ شهرين ٻن مبينا ڌوڙن کي پڪڙي جيئرو ساڙي ڇڏيو

نارٿ ڪراچي سيڪٽر ايل ون ۾ شهرين ٻن مبينا ڌوڙن کي پڪڙي جيئرو ساڙي ڇڏيو

واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس روانو ڪئي وئي: ايس ايس پي سينٽرل معرف عثمان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي نارٿ ڪراچي سيڪٽر ايل ون ۾ شهرين ٻن مبينا ڌوڙن کي پڪڙي جيئرو ساڙي ڇڏيو ريسڪيو ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪشمير ڏيهاڙو، عمران خان ڪشميرين جي ڏک ڀري وڊيو شيئر ڪري ڇڏي

عمران خان انسٽا گرام تي والاريل جموں ۽ ڪشمير جي حالتن تي ٺاهيل هڪ وڊيو شيئر ڪئي

آزادي جو قدر ڪندڙن کي غيرقانوني ڀارتي قبضي مان آزادي جي جدوجهد ۾ ڪشميرين سان گڏ بيهڻ گهرجي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آئي چيئرمين عمران خان ڪشمير سان ٻڌي جي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪشميرين جي هڪ ڏک ڀري وڊيو شيئر ڪئي عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

والاريل جموں ۽ ڪشمير ۾ جي 20 ڪانفرنس ڪرائڻ جي قدم جي ڀرپور مذمت ڪريٰ ٿو: محمد فاروق حيدر خان

آزاد جموں ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جو هي غير معمولي اجلاس ڀارت پاران والاريل جموں ۽ ڪشمير ۾ جي۔20 ڪانفرنس ڪرائڻ جي قدم جي ڀرپور مذمت ڪري ٿو

سيڪيورٽي ڪائونسل جي ٺهرائن تحت ان جو اڻا فيصلو ٿيڻو آهي هي اجلاس ان ڳالهه کي ورجائي ٿو ته والاريل جموں ۽ ڪشمير جي آزادي جي جدوجهد هر صورت ۾ برقرار رکي ويندي

هي اجلاس ڀارت پاران ڪشميري اڳواڻن جي گرفتارين جي مذمت ڪندي دنيا کي اپيل ڪري ٿو ته والاريل رياست ۾ جاري رهندڙ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين جو نوٽيس وٺي

مظفرآباد (م ڊ) قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس ۾ اڳوڻي وزيراعظم راجا محمد فاروق حيدر خان ٺهراءَ پيش ڪندي چيو آهي ته آزاد جموں ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جو هي غير معمولي اجلاس ڀارت پاران والاريل جموں ۽ ڪشمير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ هلائڻ کان اڳ پنهنجي ضمانتن جون درخواستون واپس وٺي: پلوشا خان

پي ٽي آئي وارن کي جيل ۾ روئڻ کان بچ ڪرائڻ لاءِ الڳ عملو ڀرتي ڪرڻو پوندو، پي ٽي آئي وارا رڳو ٻن ڏينهن لاءِ جيل ويا هئا

اڃا تائين روئي رهيا آهن، پي ٽي آئي وارا گرفتاريون ڏين ڪين ڪنهن جيل ۾ بند ڪيو ويندو فيصلو رانا ثناءُالله ڪندو

عمران خان دروازي تي ٻه پوليس اهلڪار ڏسي پٺ ٽپي ڀڄي ويندو: پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي اڳواڻ سينيٽر پلوشا خان

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي اڳواڻ سينيٽر پلوشا خان عمران خان جي جيل ڀريو تحريڪ هلائڻ تي ردعمل ڏيندي چيو ته عمران خان جيل ڀريو تحريڪ هلائڻ کان اڳ پنهنجي ضمانتن جون درخواستون واپس وٺي پي ٽي آئي وارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

عمران خان کي جيل ۾ هڪ شئي ڪانسواءِ هر سهولت ڏينداسين: رانا ثناءُالله

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري، ڪين انهيءَ ئي قيد خانن ۾ رکنداسين، جنهن هن اپوزيشن اڳواڻن کي رکيو هو

پلي جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪيو، اوهان جو علاج مان ڪندس، هو پنجويهين مئي تي اسلام آباد بند ڪرڻ اچي رهيا هئا

اوهان سان جيڪو ٿيو اهو اوهان ياد هئڻ گهرجي ۽ جيڪو 26 هين نومبر تي اوهان سان ٿيو اهو به نه وسارڻ گهرجي

ملتان (م ڊ) وفاقي گهرو وزير رانا ثناءُ الله چيو آهي ته عمران خان جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري، ڪين انهيءَ ئي قيد خانن ۾ رکنداسين جنهن هن اپوزيشن اڳواڻن کي رکيو هو ملتان ۾ مسلم ليگ جي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي گهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

قومن کي آزادي جون جنگيون پاڻ وڙهڻيون پون ٿيون: چوڌري انوارالحق

هن وقت اسان جو وڪيل مشڪلات جو شڪار آهي، اسان جي ملڪ تي ٻيهر دهشتگردي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

پاڪستان جو سياسي ماحول هن وقت چڪتاڻ جي ور چڙهيل آهي، هٿياربند فوج جي قربانين کي عقيدت جو سلام پيش ڪريان ٿو

جيڪو 2017 پبلڪ سيڪٽر ڊيولپمينٽ پروگرام تحت شروع فنڊز فراهم نه ٿيڻ جي ڪري رولڙي جو شڪار آهي رٿا

مظفرآباد (م ڊ) ڪشمير ڏهاڙي جي موقعي تي آزاد جموں ۽ ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس جي موقعي تي ڳالهائيندي وقتي صدر آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ اسيمبلي اسپيڪر چوڌري انوارالحق چيو آهي ته قومن کي آزادي جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪشميرين سان يڪجهتي جي ڏهاڙي جي موقعي تي پيپلز چورنگي کان مزار قائد تائين ريلي ڪڍي وئي

ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ايسٽ راجا طارق چانڊيو جي سهڪار سان ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه، ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ ۽ ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

ڪشمير پاڪستان جو اڻٽٽ حصو آهي، هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ڪشميرين کي خودمختياري جو حق ڏنو وڃي: سيد شڪيل احمد

ڪراچي (رپورٽر) يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ڪشميرين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ايسٽ راجا طارق چانڊيو جي سهڪار سان پيپلز چورنگي کان مزار قائد تائين مارچ ڪيو ويو اوپر ضلعي جي ماڻهن جي وڏي انگ ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو صوبائي بلدياتي وزير سنڌ سيد ناصر حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: ايڊمنسٽريٽر بلديه شرقي سيد شڪيل احمد، ٻين آفيسرن سان گڏ يوم يڪجهتي ڪشمير جي حوالي سان بلديه شرقي جي اسڪولن جي ٻار نڪتل ريلي ۾ شريڪ آهن

جيل ڀريو تحريڪ لاءِ پهريان پنهنجي گرفتاري ڏيڻ ضروري آهي: حافظ حمدالله

خانصاحب کي پنهنجي گرفتاري نظر اچڻ لڳي ته جيل ڀريو جو ڊرامو شروع ڪري ڇڏيو

عمران خان ڪيسن ۾ جواب ڏي جيل پاڻ ئي ڀرجي ويندا: سنڌ سماءَ بابت وفاقي وزير

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ جي ترجمان حافظ حمدالله چيو آهي ته جيل ڀريو تحريڪ لاءِ پهريان پنهنجي گرفتاري ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ حڪومت خانگي تقريب لاءِ چڙيا گهر جي بندش جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

نجم شاهه ۽ انجي گهرڀاتين سرڪاري هنڌن تي خانگي تقريبن تي لڳايل پابندي جي خلاف ورزي ڪندي پنهنجي ڌيءَ جي سالگرهه جي تقريب جو اهتمام ڪيو هو

چڙيا گهر جي انتظامي اداري ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن حقيقتون جاڻڻ لاءِ چڙيا گهر جي انتظاميه کان رپورٽ گهري آهي: سنڌ جو چيف سيڪريٽري

ڪراچي چڙيا گهر ۾ ماڻهن پاران سالگرهه ملهائڻ معمول جي ڳالهه آهي پر ان لاءِ عام ماڻهن يا ايندڙن لاءِ ڪا رنڊڪ نه وجهڻ گهرجي: ڊاڪٽر سهيل احمد راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت 3 فيبروري تي هڪ خانگي تقريب لاءِ هڪ سينيئر سرڪاري اهلڪار جي چوڻ تي ڪراچي جي چڙيا گهر جي نالي سان معروف زوليجيڪل گارڊن کي بند ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو ميڊيا رپورٽ مطابق ذريعن ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪشمير جنت آهي ۽ ڪافرن لاءِ جنت حرام آهي: مبين احمد جتوئي

ڀارت لکين قربانين جي باوجود ڪشمير ۾ جاري آزادي جي جدوجهد کي ختم ناهي ڪري سگهيو

دنيا ۾ جيستائين هڪ به مسلمان زندهه آهي ڪشمير جي آزادي لاءِ آواز اٿاريندي رهندو

سکر (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مبين احمد جتوئي چيو آهي ته ڪشمير جنت آهي ۽ ڪافرن لاءِ جنت حرام آهي، ڀارت لکين قربانين جي باوجود ڪشمير ۾ جاري آزادي جي جدوجهد کي ختم ناهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ سپنا ٻجير کي راهول ميگهواڙ سان گڏ هلندي ڏٺو ويو آهي: صوبائي وزير

آءِ جي سنڌ پوليس صوبائي وزير کي يقين ڏياريو ته پوليس مبينا طور اغوا ٿيل ڇوڪري جي جلد بازيابي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي

سپنا ٻجير جي بازيابي جي لاءِ پوليس جون خصوصي ٽيمون جوڙيون ويون آهن: اقليتي معاملن وارو صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي ميرپورخاص ۾ سپنا ٻجير جي مبينا اغوا واقعي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ سان فون تي رابطو ڪري ڪيس سپنا ٻجير جي جلد بازيابي لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي. صوبائي وزير چيو ته سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ سپنا ٻجير کي راهول ميگهواڙ سان گڏ هلندي ڏٺو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نوشهروفيروز ۾ مظلوم ڪشميري ڀائرن سان ٻڌي جي اظهار لاءِ ريليون

ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي سامهون ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ گڏجاڻي

سيد عمار حسين، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو، ڊي اي او حزب الله ڪوريجو شريڪ

مطالبو ڪريون ٿا ته ڀارت پاران ڪشميري مسلمانن تي ظلم فوري طور بند ڪيا وڃن:مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سڄي ملڪ جيان نوشهروفيروز ۾ به پنهنجي مظلوم ڪشميري ڀائرن سان ٻڌي جي اظهار لاءِ يوم يڪجهتي ڪشمير ملهايو ويو.ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي سامهون ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: ڊي سي شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ يوم ڪشمير جي موقعي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪراچي ۾ نور احمد ابڙيجو زين ايسوسيئيٽس جي آفيس ۾ اڳواڻن جي گڏجاڻي

ڪراچي (رپورٽر) ساقب صدر ڊفليريا نور احمد ابڙيجو زين ايسوسيئيٽس جي آفيس توحيد ڪمرشل ڊفينس ۾ ٽريڪس 45 جي صدر محمد عظيم جي سربراهي ۾ انفارميشن سيڪريٽري طارق حبيب خان جوائنٽ سيڪريٽري شبير لاشاري، فنانس سيڪريٽري اسد مظهر، مئنيجنگ ڪميٽي ميمبر ملڪ عقيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

واپاري ايسوسيئيشن مٺي ۽ ٿرايڪشن فورم پاران ڪشميرين سان يڪجهتي ريلي

پ پ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ٿرپارڪر ڪامريڊ نندلال مالهي پاران اڳواڻي ڪئي وئي

سريش لڪواڻي، جئه پرڪاش لوهاڻو، تيرٿ مالهي، امن گوماڻي، هاشم هنگورجو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

مٺي(رپورٽر) واپاري ايسوسيئيشن مٺي ۽ ٿر ايڪشن فورم پاران ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي طور 5 فيبروري جي حوالي سان ٿر ايڪشن فورم جي چيئرمين ۽ پ پ پ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ٿرپارڪر ڪامريڊ نندلال مالهي، واپاري اڳواڻ شامداس لوهاڻو، علي خاصخيلي ۽ سورن سنگهه جي اڳواڻي ۾ ريلي صادق فقير چوڪ کان پريس ڪلب مٺي تائين ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جماعت اصلاح المسلمين ون 2 جي چونڊيل سمورين برانچن جي حلف برداري تقريب

محمد لائق چانڊيو هاءِ اسڪول ۾ خليفه جان محمد چانڊيو جي سرپرستي ۾ تقريب منعقد

مشتاق احمد سومرو صوبائي معاون جنرل سيڪريٽري طارق حسين منگي سميت ٻيا شريڪ

دين اسلام امن ڀائيچاري سان رهڻ جو سبق ڏئي ٿو ۽ پاڙيوارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ گهرجي:اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) جماعت اصلاح المسلمين ضلع نوشهرو فيروز زون 2 جي چونڊيل سمورين برانچن جي حلف برداري تقريب منياڻي جي محمد لائق چانڊيو هاءِ اسڪول ۾ خليفه جان محمد چانڊيو جي سرپرستي ۾ منعقد ڪئي وئي حلف برداري تقريب ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي مرڪزي معاون جنرل سيڪريٽري خليفه نذير احمد ڄڻ صوبائي صدر قاضي مشهود احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: جماعت اصلاح المسلمين جا اڳواڻ حلف برداري تقريب ۾ ويٺل آهن

ايس ايڇ او گلاب لغاري فياض ٻرڙو جي اڳواڻي ۾ ڪامياب ڪارروائي

گلاب لغاري (رپورٽ:گلزار لغاري) ايس ايڇ او گلاب لغاري فياض ٻرڙو جي اڳواڻي ۾ ڪامياب ڪاروائي ٽن ضلعن ۾ منشيات هلائيندڙ ڊيلر گرفتار منشيات هٿ: خبر موجب حيدرآباد ۽ ٽنڊوالهيار ضلعن ۾ گهٽڪو مين پڙين جي مختلف هنڌن تي ڪاروائي آڏن تان ٻنهي ضلعن سميت بدين ضلعي جي حدن ۾ منشيات جي سپلائي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪنڊڪوٽ يوم ڪشمير تي ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

ضلعي انتظاميا پاران ڊي سي منور علي منياڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

جماعت اسلامي پاران حافظ نصرالله چنه، غلام مصطفيٰ ميراڻي، حافظ شير محمد ميٽڪ شريڪ

ڀارت پاران ڪشميري عوام ۽ ڪشمير جي آزادي لاءِ ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي:اڳواڻن جو خطاب

ڪنڊڪوٽ(رپورٽ:غالب بلوچ) سڄي ملڪ جيان ڪنڊڪوٽ ۾ به 5 فيبروري ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ يوم يڪجهتي ڪشمير جوش جذبي سان ملهايو ويو انهي تحت ضلعي انتظاميا، مختلف سياسي سماجي تنظيمن ،شهرين . استادن توڙي شاگردن . مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن قومي امن ڪاميٽي پاران وڏي تعداد ۾ ڪشميري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٻ ۾ ساس جي مرڪزي سڏ تي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج

سمورن تعليمي ادارن ۾ سنڌي مضمون کي لازم پڙهائڻ لاءِ هٿن ۾ بينر کڻي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌي ادبي سنگت شاخ وارهه جي سيڪريٽري علي عمران، ضلعي رابطه سيڪريٽري ۽ ٻين جي شرڪت

نظير روڳي، جسم اڳواڻ غفار ميرجت، ايس يو پي اڳواڻ وقار رضا، عوامي تحريڪ اڳواڻ مجيب چانڊيو شريڪ

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڏ تي وارهه ۾ سنگت شاخ وارهه طرفان سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ لاءِ ۽ سمورن تعليمي ادارن ۾ سنڌي مضمون کي لازم پڙهائڻ لاءِ هٿن ۾ بينر کڻي تعلقه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28


وارهه: سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانواهڻ پرسان ڳوٺ جاڙو خان راڻ جو رهواسي پاران صحافين آڏو احتجاجي مظاهرو

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ پرسان ڳوٺ جاڙو خان راڻ جو رهواسي عبد الحڪيم راڻ سيال ۽ ٻيا پريس ڪلب خانواهڻ پهچي صحافين آڏو داهيندي چيو ته ڳوٺ جاڙو راڻ ۾ اسان جو گهر آهي جنهن ۾ گذريل 60 سالن کان رهائش پذير آهيون حاليا برسات سبب گهر جي جڳهه ڪرڻ سبب ٻي جڳهه ۾ وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

اوير نيشنل پريس ڪلب ڪراچي جي عهديدارن جي چونڊ ٿي گذري، ساڃاهه وندن پاران مبارڪون

صدر نظير راڄپر، سينيئر نائب صدر شفقت نوناري، نائب صدر آصف شاهاڻي ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا

سيڪريٽري محمد صديق پٽي، خزانچي شهباز راڄپر، پريس سيڪريٽري علي محمد پٽو کي چونڊيو ويو

هميشه مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏيندي سندن آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائڻ جي جستجو ڪئي آهي :اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) اوير نيشنل پريس ڪلب ڪراچي جي عهديدارن جي چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ اتفاق راءِ سان سرپرست اعلي الدادا شاهاڻي، صدر نظير راڄپر، سينيئر نائب صدر شفقت نوناري، نائب صدر آصف شاهاڻي، جنرل سيڪريٽري ممتاز شيخ، جوائنٽ سيڪريٽري محمد صديق پٽي، خزانچي شهباز راڄپر، پريس سيڪريٽري علي محمد پٽو کي چونڊيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

قومي امن ڪاميٽي ضلع گهوٽڪي طرفان يوم يڪجهتي ڪشمير ريلي

ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، هڪ هزار فوٽ پاڪستاني جهنڊو هٿن ۾ کنيو ويو

مودي سرڪار ڪشمير مٿان ظلم جي انتها ڪري رهيو آهي:اڳواڻن جون ڳالهين

ڪشمير معاملي تي سياسي پارٽين جي خاموشي ڪيترائي سوال اٿاري ٿي: سعد ڪورائي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) قومي امن ڪاميٽي ضلع گهوٽڪي طرفان يوم يڪجهتي ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، هڪ هزار فوٽ پاڪستاني جهنڊو هٿن ۾ کنيو ويو، "ڪشمير بنيگا پاڪستان جا نعرا" هنيا ويا مودي سرڪار ڪشمير مٿان ظلم جي انتها ڪري رهيو آهي جيڪا قابل مذمت آهي، پشاور سانحي تي انتهائي ڏک ٿيو پاڪستان ۾ هڪ دفعو ٻيهر ضرب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

گهوٽڪي: قومي امن ڪاميٽي طرفان يوم ڪشمير جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سرحد ۾ هوٽل هلائيندڙ پورهيتن جو پوليس اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاج

سرحد(رپورٽ:غلام عباس مهر)سرحد ۾ هوٽل هلائيندڙ پورهيتن جو پوليس اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاج، منٿلي نه ڏيڻ تان اهلڪار مٿان حملي جا الزام ، خبرموجب سرحد پرسان ڳوٺ هاسيجا مهر واسين، هوٽل هلائيندڙ پورهيتن زبير مهر، راشد مهر، ۽ منگهن مهر سرحد پريس ڪلب پهچي ٻاالر جي زيادتين خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڏ تي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم جاري

ٽنڊو محمد خان ۾ ميونسپل ڪميٽي آفيس آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، اعجاز جسڪاڻي، مختيار نظاماڻي ۽ ٻين جي شرڪت

وڏي انگ شرڪت ڪري سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سخت نعريبازي ڪئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڏ تي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ ميونسپل ڪميٽي آفيس آڏو علامتي بک هڙتالي ڪئمپ تي سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي، ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، اعجاز جسڪاڻي، مختيار نظاماڻي، ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41

ٺٽي ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو شاهد نذير بلوچ جي اڳواڻي ۾ ضلعي اندر ريلي ڪڍي وئي

سول سوسائٽي جي ماڻهن ڪان علاوه مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) سڄي ملڪ وانگر ٺٽي ۾ به ڪشميرين سان يڪجهتي جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو شاهد نذير بلوچ جي اڳواڻي ۾ ضلعي اندر ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ آفيسرن آڏر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين ۾ يوم ڪشمير جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي

ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

ڪشميرين جي جدوجهد کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاءِ اهڙو ڏينهن ملهايو وڃي ٿو: ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ يوم ڪشمير جي موقعي تي ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي ملهائي وئي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ تعليم صحت، پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين: يوم ڪشمير جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادو سوشل فورم سول سوسائٽي دادو پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاج

سوئي گئس جي هترادو بحران، ميونسپل ڪاميٽي، روينيو پبلڪ هيلٿ خلاف مظاهرو

هترادو ريٽ مقرر سميت دادو ضلعي جي سرڪاري ۽ پرائيويٽ ادارن ۾ ڪرپشن خلاف مظاهرو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو سوشل فورم سول سوسائٽي دادو پاران وڌندڙ مهانگائي ۽ ضلعي جي ادارن ۾ ٿيندڙ سينا ڪرپشن روينيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

قرات پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج ٺٽي ۾ مظلوم ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي

اظهار لاءِ 5 فيبروري ڪشمير ڏهاڙو ملهايو ويو، ان موقعي تي تقريب ڪرائي وئي

مريم شاهزيب سرايا ز جماري، مس مهر و شاهر ۽ سمورن استادن ۽ شاگردن تقريرون ڪيون

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) قرات پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج ٺٽي ۾ مظلوم ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي اظهار لاءِ 5 فيبروري ڪشمير ڏهاڙو ملهايو ويو، ان موقعي تي تقريب ڪرائي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جماعت اسلامي پاران ڪشميري مجاهدن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي

بدين ۾ مسجد اقصيٰ ڪوسڪي روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي ۽ ٻيا شريڪ

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) جماعت اسلامي پاران ڪشميري مجاهدن سان يڪجهتي اظهار لاءِ مسجد اقصيٰ ڪوسڪي روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين: ڪشميري مجاهدن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ضلعي انتظاميه پاران شڪارپور ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

پريس ڪلب تائين ريلي،ڪشميرين کي حق خوداراديت جو حق ملڻ گهرجي:اڳواڻ

ريلي ۾ روينيو، صحت کاتو، سوشل ويلفيئر، پوليس، لوڪل گورنمينٽ جا عملدار شريڪ ٿيا

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) ضلعي انتظاميه پاران شڪارپور ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ جهاز چوڪ کان شڪارپور پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ڪشميرين کي حق خوداراديت جو حق ملڻ گهرجي، هندستان ڪشميرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

غوثپور ۾ به 5 فيبروري ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ ريلي

ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ غوثپور هائير سيڪنڊري اسڪول مان ريلي

استاد محمد اسحاق ادراڻي استاد عبدالغفار سومرو استاد عزيز الله مهر استاد برڪت علي شريڪ

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) سڄي ملڪ جيان غوثپور ۾ به 5 فيبروري ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاءِ يوم يڪجهتي ڪشمير جوش جذبي سان ملهايو ويو انهي تحت غوثپور هائير سيڪنڊري اسڪول جي .استادن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوثپور: 5 فيبروري يوم ڪشمير جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

گهوٽڪي جي اسڪريپ ڊيلرن حقن جي حفاظت ۽ اتحاد لاءِ يونين ٺاهي ورتي

واپارين آل اسڪريپ ڊيلرز ويلفيئر سوسائٽي گهوٽڪي جي نالي سان تنظيم قائم

صدر حزب الله پتافي ،سينيئر نائب صدر، محمد حبيب پٽي، نائب صدرعبدالفتاح چونڊيا ويا

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) گهوٽڪي جي اسڪريپ ڊيلرن، پنهنجي حقوق جي حفاظت ۽ اتحاد لاءِ يونين ٺاهي ورتي، حزب الله پتافي صدر منتخب ٿي ويو، ڪباڙ جو واپار ڪندڙن واپارين آل اسڪريپ ڊيلرز ويلفيئر سوسائٽي گهوٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بدين ۾ چورين جو آزار ڏينهن جي وقت شهر جي مختلف حصن مان چوريون معمول

بجلي جي ڪوٽ سبب متبادل توانائي خاطر استعمال ٿيندڙ سولر پليٽون چور لاهي کڻي ٿا وڃن

چور ماستر شوڪت حسين پرڳڙي جي گهر جي ڇت تي لڳل 4 سولر پليٽون لاهي هليا ويا آهن:شهري

بدين(رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين ۾ چورين جو آزار ڏينهن جي وقت شهر جي مختلف حصن مان موٽرسائيڪلون چوري ٿيڻ روز جو معمول آهي جڏهن ته رات جي وقت سخت سردي سبب ٽنڊ ستل شهرين جي بجلي جي ڪوٽ سبب متبادل توانائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مان ريلي

اظهار يڪجهتي طور فارم ۾ ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

مودي سرڪار ڪشميري ڀائرن تي ظلم جي انتها ڪئي آهي، اسان ڪشمرين سان گڏ آهيون:استاد

ٽنون ڪوٽ (رپورٽر) ٽنون ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سنتورو فارم ۾ ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شريڪ ٻارڙن ڪشمير بني گا پاڪستان ۽ ڪشميري ڀائرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

ٽنون ڪوٽ: ڪشمير ڏي جي موقعي تي منعقد تقريب ۾ شاگرد ٻارڙا ويٺل آهن

يوم ڪشمير جي حوالي سان ٽنڊومحمدخان ضلعي انتظاميا پاران ريليون ڪڍيون ويون

ريلي ۾ وڏي انگ ۾ مخلتف کاتن جي ملازمن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي،ڀارت خلاف نعرا

راجا نثار ميمڻ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيد امجد شاهه ، اسسٽنٽ مختيار ڪار شريڪ

ناجائز قبضو اقوام متحده جي منظور ڪيل ٺهراءَ جي ڪلي خلاف ورزي آهي: راجا نثار ميمڻ

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) يوم ڪشمير جي حوالي سان ٽنڊومحمدخان ضلعي انتظاميا پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس کان پريس ڪلب تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ وڏي انگ ۾ مخلتف کاتن جي ملازمن ۽ آفيسرن شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو محمد خان: يوم ڪشمير جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنون ديرو ۾ 13 رجب المرجب جشن مولودِ ڪعبه جي خوشي ۾ روايتي مرڪزي جلوس نڪتو

ٽنون ديرو(رپورٽ:شاد محمود علي پٽو) ٽنون ديرو شهر ۾ شيعان حدر ڪرار پاران قمر زماني ڪان هر سال جيان هن سال به بسلسله 13 رجب المرجب جشن مولودِ ڪعبه ظهور پر نور آمد مولاءِ ڪائنات عَلِي اَمِيرُ المُؤمِنِين عَلَيهِ السّلام 12 رجب المرجب بروز عقيدت ۽ احترام سان ٽنون ديرو شهر ۾ ملهايو ويو ۽ جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

غوثپور دراني مهر پوليس ٿاڻي جي ڪارروائي، هرڪجي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو

تنوير احمد ولد الياس پنجابي کي ٽترن وٺڻ جي بهاني گهرائي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

ايس ايڇ او دراني مهر مولا بخش بگٽي ۽ ٽيم ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪارروائي ڪئي

غوثپور (رپورٽ:عبدالنبي ملڪ) غوثپور دراني مهر پوليس ٿاڻي جي ڪارروائي / گوجرانوالا جي رهاڪشي کي هرڪجي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو پنجاب گوجرانوالا جي رهائشي تنوير احمد ولد الياس پنجابي کي ٽترن وٺڻ جي بهاني گهرائي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو پوليس کي اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او دراني مهر مولا بخش بگٽي ۽ سندس ٽيم جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو غلام حيدر ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور ريلي، ساڃاهه وندن پاران شرڪت

اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري پاران آفيس کان ٽائون ڪميٽي گيٽ تائين ريلي

نثار احمد عباسي، ڊاڪٽر نويد احمد زئور، بشيراحمد مغل، ارباب محمد خان ورياهه ۽ ٻيا شريڪ

اسڪولي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ڀارت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

ٽنڊوغلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر ۾ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور ٽنڊو غلام حيدر اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري پاران آفيس کان ٽائون ڪميٽي گيٽ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ڊي ايس پي سيد انور حسين شاهه ،پرائمري ٽي اي او علي ڏنو ميمڻ، ٽي اي او هائيرسيڪنڊري نثار احمد عباسي، ڊاڪٽر نويد احمد زئور، بشيراحمد مغل، ارباب محمد خان ورياهه، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو غلام حيدر: ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي

جماعت اسلامي خيرپور ناٿن شاهه امير خالد لغاري پاران ريلي ڪڍي وئي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) جماعت اسلامي خيرپور ناٿن شاهه امير خالد لغاري ۽ ناظم اسدالله چانڊيو جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي تعلقه آفيس کان يوم ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جماعت جي سرگرم ڪارڪنن، شهرين توڙي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي، تفصيل موجب، جماعت اسلامي خيرپور ناٿن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

وڳڻ پوليس طرفان چڙهائي ڪري قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڪنيي تشدد ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي فاضل راهو چوڪ تي ڌرڻو لڳايو ويو

عبدالغفار ميرجت، ڪامريڊ مجيب الرحمان چانڊيو، زاهد حيدر چانڊيو، سماجي اڳواڻن جي شرڪت

ايس ايڇ او منظور چانڊيو خلاف ايف آئي آر داخل ڪري سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

وارهه(رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه گذريل ڏينهن وڳڻ پوليس طرفان چڙهائي ڪري قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر علي اڪبر خاصخيلي کي ڪنيي تشدد ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي فاضل راهو چوڪ تي ڌرڻو لڳايو ويو ڌرڻي ۾ شهر جي سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ عنايت الله لاشاري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سجاديه ٽرسٽ ڪينيڊا طرفان 50 غريب ۽ مستحق جوڙن جي اجتماعي شادي

شادي جي تقريب ڄام شادي هال منياڻي ضلع نوشهروفيروز ۾ منعقد ڪئي وئي

محمد يوسف حسيني، سيد علي نقي ڪاظمي، سيد اظهارالحسن ڪاظمي شريڪ ٿيا

شادين جي تقريب منعقد ڪرڻ غريب ۽ مستحق ماڻهن جي خوشين ۾ اضافو ڪرڻ آهي:اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سماج مان غربت ۽ گهٽي ڏاج ڏيڻ جهڙين فضول رسمن جي خاتمي،مذهبي رواداري ۽ سادگيءَ جي فروغ لاءِ ولادت باسعادت اميرالمومنين امام علي عليه السلام جي موقعي تي سجاديه ٽرسٽ ڪينيڊا طرفان 50 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: سجاديه ٽرسٽ طرفان 50 جوڙن جي اجتماعي شاديون منعقد ڪيون ويون

ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم پاران پرويز مشرف جي وفات تي تعزيت جو اظهار

حيدرآباد (رپورٽر) پي ٽي آءِ جي مرڪزي اڳواڻ سابق وزير اعلي ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم جنرل پرويز مشرف جي وفات تي پوئترن سان تعزيت ڪندي چيو آهي ته پرويز مشرف بهترين ايڊمنسٽريٽر سان گڏوگڏ رحم دل انسان هيو تعالي کيس جنت الفردوس جڳهه ڏئي ۽ سندس پوئترن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو پاران ڪشميرين سان قومي يڪجهتي ريلي

پرنسيپال پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي رستن جو گشت ڪيو ويو

فوج جي هٿان ڪشميرين تي ٿيندڙ ظلم ختم ڪرڻ لاءِ گڏيل قومون ڪردار ادا ڪن:مظاهرين

ڀارت جي ايل او سي خلاف ڀڄڪڙين ۽ سازشن جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو وڃي:پروفيسر سيد حب علي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج طرفان ڪشميرين سان قومي يڪجهتي طور 5 فيبروري تي ريلي ڪڍي ۽ ليڪچر پروگرام جي تقريب ڪري ڪشميرين سان ٻڌي جو اظهار ڪيو ريليءَ کي خطاب ڪندي پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو پرنسپال استاد بخاري گورنمنٽ ڊگري ڪاليج دادو چيو ته ڪشمير پاڪستان جي شرڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام پاران حضرت علي ع جي جشن ولادت تي تقريب

جلوس مرڪزي دفتر انجمن سرفروشان اسلام دادو چاڪر ڪالوني نزد گلزار مسجد کان ڪڍيو ويو

اڳواڻن مرڪزي امير يونس جمال امير سنڌ فيصل قادري،حاجي ياسين، امير دادو ڪامران ملڪ شريڪ

آزادي ڪشمير جو بنيادي حق آهي. انشاء الله ڪشمير جلد آزاد ٿي پاڪستان جو حصو بڻجندو: اڳواڻ

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام پاڪستان ضلعي دادو جي طرفان سالار عظيم الشان جشن مولود ڪعبه حضرت امام علي عليه السلام جي ولادت باسعادت جوجلوس مرڪزي دفترانجمن سرفروشان اسلام دادو چاڪر ڪالوني نزد گلزار مسجد کان ڪڍيو ويو جنهن ۾ خصوصي شرڪت اڳواڻن مرڪزي امير يونس جمال امير سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

دادو: حضرت مولا علي ع جي جشن ولادت جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ولادت باسعات حضرت امام علي عليه سلام جي موقعي تي ناروشاهه ۾ ريلي

ناروشاهه (رپورٽ:راشد علي ميمڻ) 13رجب ولادت با سعات حضرت امام علي عليه سلام جي موقعي تي ناروشاهه پرسان مجت هڪ عاليشان ريلي ڪڍ وئي ريلي مجت جي ڳوٺ علي آباد کان نڪتي جنهن ۾ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ خوشي ۾ جهمريون هيون ريلي شهر جي مختلف چوراهن کان ٿيندي امام شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

محرابپور پوليس ناڪام، شهري محفوظ ناهن، بدامني جوراڄ، احتجاجي مظاهرو

محبت علي ملڪ جي پائٽي محمد احمر ۽ سينيئر صحافي دودل خان جي اڳواڻي ۾ احتجاج

سرڪاري آفيسن، بازارن، شادي هالن جي ٻاهران موٽرسائيڪلون چوري ٿي رهيون آهن::مظاهرين

موٽرسائيڪل ايس ايڇ او محرابپور مجيب الرحمان ناريجو واعدي موجب هٿ نه ڪرائي سگهيو

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامٽيو) محرابپور پوليس ناڪام، شهري محفوظ ناهن، بدامني جوراڄ، صحافين جو احتجاج، محرابپور پريس ڪلب جي سينيئر صحافي محمد علي ملڪ، محبت علي ملڪ جي پائٽي محمد احمر ۽ سينيئر صحافي دودل خان نوح پوٽو جي عزيز اڪبر جي عدم بازيابيءَ خلاف، نوح پوٽو جي موٽرسائيڪل چوري، صحافين تنظيمن محمد سليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 06 فيبروري 2023ع

وفاق جي سنڌ جي ٻيٽن تي نظر

وفاق ۽ صوبن ۾ سدائين بدگمانيون صوبن جي وسيلن تي قبضي جي ڪري رهيون آهن. سدائين ننڍا صوبا اهي شڪايتون ڪندا رهيا آهن ته وفاق انهن جي وسيلن تي قبضو ڪري موٽ ۾ جائز حصو به مهيا نه ٿو ڪري جنهن ڪري انهن ننڍن صوبن جي وسيلن تي مخصوص علائقا ۽ مخصوص ماڻهوئي پلجي ۽ ترقي ڪندا رهيا آهن جڏهن ته انهن وسيلن جا ڌڻي سدائين ماني ڳيهي لاءِ به پريشان رهيا آهن ۽ پسماندگي جڻ ته انهن جو مقدر بڻجي وئي آهي. سياسي ڌرين جي احتجاج، صوبائي حڪومتن جي دانهن ۽ آئين ۾ لکيل ضمانتن جي باوجود وفاق پنهنجو رويو تبديل نه ڪيو آهي. سياسي پارٽيون جڏهن مخالف ڌر ۾ هونديون آهن ته انهن کي صوبن جا حق ياد ايندا آهن پر جڏهن اهي ئي پارٽيون وفاق ۾ اقتدار ۾ اينديون آهن ته انهن کان صوبن جا حق وسري ويندا آهن ۽ اهي به ڪوشش ڪنديون آهن ته ڪيئن به ڪري صوبن جي وسيلن تي قبضو ڪري وفاق جي مالي پوزيشن مضبوط ڪجي پر انهن کان اهو وسري ويندو آهي ته صوبا معاشي طور مستحڪم هوندا ته وفاق به مضبوط ٿيندو.

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي وفاقي حڪومت جڏهن هڪ آرڊيننس جاري ڪندي سنڌ جي ٻيٽن کي پنهنجي ملڪيت قرار ڏيندي اتي شهر اڏڻ جو اعلان ڪيو هو ته سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي وئي هئي جنهن جي دٻاءُ سبب پ پ جي سنڌ حڪومت به وفاق جي اهڙي فيصلي جي مخالفت ڪئي ۽ ٻيٽ ڏيڻ کان هٿ ڪڍي وئي. جڏهن ته ان وقت جي وفاقي حڪومت اها دعويٰ ڪري رهي هئي ته اهو آرڊيننس سنڌ حڪومت جي اجازت ملڻ کان پوءِ جاري ڪيو ويو آهي. حقيقت ڪهڙي به هئي پر سنڌ جي عوام جي شديد ردعمل سبب وفاقي حڪومت کي انهي رٿا تان هٿ ڪڍڻو پئجي ويو ۽ اهي ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت قرار ڏنا ويا جيڪي آئيني طور به سنڌ جي ملڪيت آهن پر وفاق اڃا تائين انهن ٻيٽن تي اک رکيون ويٺو آهي جنهن جو ثبوت اهو آهي ته ڪالهه جيڪا پارٽي مخالف ڌر ۾ هوندي سنڌ جي ٻيٽن تي وفاق جي قبضي جي ڪوشش جي مخالفت ڪري رهي هئي اها پاڻ جڏهن اقتدار ۾ آئي آهي ته ان سنڌ جي ٻيٽن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي آهي جنهن لاءِ قومي اسيمبلي مان هڪ بل پاس ڪرايو ويو آهي جنهن سان انهن ٻيٽن توڙي سامونڊي حدن تي وفاقي حڪومت جو اختيار هلندو ۽ اها ڪنهن به وقت ڪهڙو به فيصلو ڪري سگهي ٿي. خبر آهي ته قومي اسيمبلي ۾ بچاءَ جي وفاقي وزير خواجا آصف پاران ن ليگ جي علي زاهد پاڪستان ميري ٽائيم زونس بل 2022ع منظوري لاءِ پيش ڪيو، جنهن کي قومي اسيمبلي منظور ڪري ورتو. بل مطابق ٻيٽن جي مالڪي ٻيهر وفاق حوالي ڪئي وئي آهي. سامونڊي مصنوعي ٻيٽن تي اڪنامڪ زون ٺهندا بل مطابق سامونڊي علائقن سان لڳندڙ زون، خصوصي اڪنامڪ سامونڊي حدون وفاقي حڪومت طئي ڪري سگهندي. مصنوعي ٻيٽن، سامونڊي ٽرمينلز، ٻين اڏاوتن، اسٽرڪچر، اوزارن مينٽيننس آپريشنس جو اختيار وفاقي حڪومت حوالي هوندا. حڪومت کي اڪنامڪ زون جي توسيع جو به اختيار هوندو. ڪو به شخص يا ڪمپني، غير ملڪي حڪومت وفاقي حڪومت جي اجازت سان خصوصي معاشي زونن جي ڪنهن به وسيلي کي تلاش يا ان جو فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪا تحقيق، ڊرل يا مصنوعي ٻيٽن تي انفرا اسٽرڪچر تعمير ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي هلائي سگهي ٿو.

اسان سمجهون ٿا ته انهي بل جي منظوري سنڌ سان ناانصافي آهي ۽ سنڌ مان چونڊيل نمائندن جي انهي تي خاموشي ۽ منظور ڪرڻ پنهنجي ووٽرن جي اعتماد کي ڇيهو رسائڻ آهي. هن بل ۾ ڪٿي به سنڌ حڪومت جو ذڪر ناهي ته انهي جو ڪردار ڇا هوندو انهي جي اجازت ورتي ويندي يا نه؟ يا انهي کي صلاح مصلحت ۾ شامل ڪيو ويندو. اهو بل سراسر آئين جي خلاف ورزي آهي جيڪو 22 نائيٽيڪل ميل تائين سامونڊي حدن کي صوبي جي ملڪيت قرار ڏئي ٿو. سنڌ جي ٻيٽن تي اهڙي قبضي کي سنڌ جي عوام نه اڳ قبول ڪيو هو نه ئي هاڻي ان کي قبول ڪندو. سياسي پارٽيون اپوزيشن ۽ حڪومت دوران پلي الڳ الڳ موقف رکن پر آئين ۽ عوام جو موقف ساڳيوئي آهي ته اهي ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت هئا ۽ رهندا ۽ عوام اهڙي فيصلي کي ڪنهن به ريت قبول نه ڪندو.

ڪير ڪيڏو به طاقتور هجي پر انسان آخر فنا!

ذوالفقار قادري

آمر جنرل پرويز مشرف هي فاني جهان ڇڏي ويو. جنرل پرويز مشرف 11 آگسٽ 1943ع تي هندستان جي راڄڌاني دهلي شهر ۾ گولچا سينيما جي پويان واري علائقي "نهر والي" سڙڪ تي واقع رهندڙ مشرف الدين جي گهر ۾ ڄائو. مشرف الدين فارين سروس ۾ اڪائونٽنٽ جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪيريئر جو آغاز ڪيو. مشرف الدين قيام پاڪستان وقت پنهنجي زال ۽ ٽن پٽن سميت پاڪستان هجرت ڪري آيو. قيام پاڪستان وقت صدر جنرل پرويز مشرف جي عمر صرف چار سال هئي. صدر جنرل پرويز مشرف جي ماءُ به هڪ لکيل پڙهيل خاتون آهي. هوءَ دهليءَ جي هڪ اعليٰ تعليمي اداري مان لٽريچر ۽ ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪري چڪي آهي. هوءَ ڪيترا سال ڪراچي ۾ انساني حقن واري تنظيم جي هڪ شعبي انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن سان وابسته رهي. جنرل پرويز مشرف ابتدائي تعليم ترڪيءَ جي شهر انقراهه ۾ حاصل ڪئي. ان کان علاوه ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪس اسڪول ۽ لاهور جي فارمين ڪرسچن اسڪول ۾ به پڙهيو. 1961ع ۾ جنرل پرويز مشرف پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ۾ شموليت ڪئي. 1964ع ۾ ايلائٽ آرٽيلري رجمينٽ ۾ ڪميشن حاصل ڪيائين. ان ٻيچ ۾ ليفٽيننٽ جنرل علي قلي خان بعد ۾ پوزيشن جنرل مشرف حاصل ڪئي. 1965ع واري پاڪ ـ ڀارت جنگ دوران نوجوان آفيسر طور کيم ڪرن، سيالڪوٽ ۽ لاهور جي محاذن تي ويڙهه ۾ به حصو ورتائين، جتي هن هڪ خودڪار آرٽلري دستي جي ڪمان ڪئي. بعد ۾ هو پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ڪمانڊو فورس (SSG) Special Services Group) ۾ شامل ٿي ويو. 1971ع جي جنگ ۾ به ڪمپني ڪمانڊر جي حيثيت ۾ هڪ ڪمانڊوز بٽالين جي قيادت ڪيائين. بعد ۾ انفينٽري برگيڊ ۽ آرٽلريءَ ۾ آرمڊ ڊويزن جي به ڪمانڊ ڪيائين. 1998ع ۾ وزيراعظم نواز شريف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جنرل جهانگير ڪرامت درميان اختلافن بعد جڏهن جنرل جهانگير ڪرامت رٽائرمينٽ ورتي ته ليفٽيننٽ جنرل پرويز مشرف کي 7 آڪٽوبر 998ع تي ڪجهه سينيئر ليفٽيننٽ جنرل کي Supersede ڪري فل جنرل جي رينڪ تي ترقي ڏئي چيف آف آرمي اسٽاف ڪيو ويو. وزيراعظم نواز شريف هن کي 9 اپريل 1999ع ۾ چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جي اضافي چارج به ڏني. جنرل پرويز مشرف 28 ڊسمبر 1968ع ۾ جڏهن ميجر جي رينڪ تي فائز هو تڏهن صهبا نالي ڇوڪري سان ارينج ميرج ڪئي، جنهن مان ڪيس به ٻار ٿيا. انهن مان هڪ ڌيءَ عائلا جيڪا آرڪيٽيڪٽ جي شعبي سان وابسته آهي ۽ ڪراچي ۾ رهي ٿي. ٻيو پٽ بلال جيڪو آمريڪي رياست بوسٽن ۾ رهي ٿو. جنرل پرويز مشرف جا ڀيا به پائر جاويد ۽ ڊاڪٽر نويد اتلي ۽ آمريڪا ۾ رهن ٿا. جاويد اتلي جي شهر روم ۾ انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچر ڊولپيمنٽ ۾ ايڪانمسٽ جي عهدي تي فائز آهي، جڏهن ته ڊاڪٽر جاويد آمريڪي رياست الينائز ۾ هڪ فلپائني خاتون سان شادي ڪري بزنس سان وابسته آهي. 12 آڪٽوبر جي ڪارروائي: 3 فيبروري 1997ع وارين چونڊن ۾ "ڀاري مينڊيٽ" کڻي جيتڻ ٿي ميان نواز شريف وزير اعظم ٿيو ته، ان "ڀاري مينڊيٽ" ميان صاحب کي غرور ۾ آڻي ڇڏيو سڀ کان پهريائين وزيراعظم نواز شريف حزب اختلاف خلاف ڪارروائيون ڪندي پنهنجي رائيٽ هينڊ منسٽر سيف الرحمان هٿان احتساب سيل جوڙائي قائد حزب اختلاف بينظير ڀٽو ۽ مخالف ڌر جي ٻين اڳواڻن خلاف مختلف ڪيس داخل ڪرائي انتقامي ڪارروائيءَ جو آغاز ڪيو. حزب اختلاف کي سوڙهو ڪرڻ بعد وزير اعظم نواز شريف پارليامينٽ جي بالادستي تي وار ڪندي ڪيئين بل بحث کان سوا چند لمحن ۾ پاس ڪرايا. ان سان گڏ اهو حڪم به صادر ڪيائين ته مسلم ليگ جو جيڪو ميمبر حڪومتي بل جي مخالفت ڪندو، اهو پارليامينٽ جي رڪنيت کان الڳ ڪيو ويندو جڻ ٻئي طريقي سان پارٽيءَ اندر هڪ آمريت مڙهي وئي. پارليامينٽ بعد هن ملڪ جي اعليٰ عدالتن ۽ ملڪ جي صدر سان مهاڏو اٽڪايو، جنهن جي نتيجي ۾ صدر فاروق لغاري ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهه کي پنهنجا عهدا ڇڏڻا پيا. پنهنجي ان غرور جو رخ هاڻي ميان

نواز شريف پاڪستان جي هٿياربند فوج ڏانهن تبديل ڪيو. چيف آف آرمي اسٽاف جنرل جهانگير ڪرامت پاران ملڪ جي نظام تي نظرداري خاطر سيڪيورٽي ڪائونسل جي قيام واري راءِ کي وزيراعظم ميان نواز شريف حڪومتي معاملن ۾ مداخلت سمجهندي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل جهانگير ڪرامت کي ايترو سوڙهو ڪيو جو جنرل جهانگير ڪرامت، وزيراعظم سان مهاڏو اٽڪائڻ بجاءِ قبل ازوقت رٽائرمينٽ وٺي چيف آف آرمي اسٽاف جو عهدو ڇڏي ڏنو. وزيراعظم نواز شريف پنهنجي صوابديدگيءَ جا آئيني اختيار استعمال ڪندي پاڪستان جي هٿياربند فوج ۾ War (Strategy) طور اهميت جوڳي ڪور ون منگلا جي ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل پرويز مشرف کي سينيئر ليفٽيننٽ جنرلن رحمدل ڀٽي، ليفٽيننٽ جنرل علي قلي خان ۽ ليفٽيننٽ جنرل خالد نواز کي Supersede ڪندي فل جنرل جي رينڪ تي ترقي ڏئي ڪيس نئون چيف آف آرمي اسٽاف بڻايو چون ٿا ته، شروعاتي ڪجهه وقت ته وزيراعظم ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جا تعلقات بهتر رهيا، پر جڏهن ڪارگل ۽ دراس واري محاذ تي مبينه طور پاڪستان ۽ هندستان جي فوجن درميان جهڙپن بعد آمريڪي صدر بل ڪلنٽن جي مداخلت بعد ٿيل جنگ بندي ۽ محاذ تان فوجن جي واپسي تان وزيراعظم نواز شريف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جنرل پرويز مشرف درميان اختلافن جو آغاز شروع ٿيو. ڪارگل واقعي ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ٿيندڙ جاني نقصان جو ذميوار وزيراعظم نواز شريف طرفان ڪارگل محاذ جي غلط رٿابندي ڪندڙن تي مڙهيو ويو جڏهن ته عسڪري ذريعا وزيراعظم پاران جلد بازي ۾ جنگ بندي ڪندي هٿياربند فوج کي محاذ تان واپس گهرائڻ واري اعلان کي غلط ڪوٺيندا رهيا. اهڙي صورتحال ڏسندي وزيراعظم نواز شريف فوج اندر پنهنجو حلقو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندي ذوالفقار علي ڀٽو جي وزارت اعظميٰ واري دور ۾ مشهور اٽڪ سازش ڪيس جي سزا يافته هڪ ڪردار ۽ نواز ڪابينا ۾ وفاقي وزير طور مقرر ميجر (رٽائرڊ) نادر پرويز جي ويجهي عزيز ۽ ڪوئيٽا جي ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل طارق پرويز عرف جنرل ٽي پي انٽر سروسز انٽيليجنس جي ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل خواجه ضياءُ الدين بٽ. وفاقي وزير چوڌري نثار جي ڀاءُ سيڪريٽري دفينس ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) افتخار علي خان ۽ ٻين سان واسطا وڌايا. چيو ٿو وڃي ته ڪوئيٽا جو ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل طارق پرويز جنرل هيڊ ڪوارٽر اندر چيف آف آرمي اسٽاف جنرل پرويز مشرف جي زير صدارت ٿيندڙ ڪور ڪمانڊر، پرنسپل اسٽاف آفيسرن ۽ فارميشن آفيسرن جي اجلاسن جون خبرون خفيه طور وزيراعظم نوز شريف کي پهچائيندو هو چيو وڃي ٿو ته جڏهن ڪوئيٽا جي ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل طارق پرويز جي ايچ ڪيو مان سڌو سنئون وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي ته ان معاملي ويتر حالتن کي بگاڙي ڇڏيو رد عمل طور آرمي چيف جنرل پرويز مشرف، ڪوئيٽا جي ڪور ڪمانڊر طارق پرويز کي قبل از وقت فوج مان رٽائر ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. وزيراعظم نواز شريف آرمي چيف جنرل پرويز مشرف جي اهڙي رويي کان تنگ ٿي ڪيس عهدي تان هٽائڻ جو فيصلو ڪري ورتو نواز شريف 12 آڪٽوبر 1999ع تي جڏهن دبئيءَ کان واپس اسلام آباد پهتو ته انهيءَ ڏينهن ٽيڪ ٽئين بجي منجهند جو سيڪريٽري دفينس ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) افتخار علي خان ۽ وزير اعظم جي پرنسپل سيڪريٽري سعيد مهدي کي وزير اعظم هائوس گهرائي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل پرويز مشرف جي برطرفي ۽ انٽر سروسز انٽيليجنس جي سربراهه ليفٽيننٽ جنرل خواجه ضياءُ الدين بٽ کي فور اسٽار جنرل جي رينڪ تي ترقي ڏئي هٿياربند فوج جي نئين چيف آف آرمي اسٽاف طور مقرري جو آرڊر ٽائيپ ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون. هوڏانهن پڙهيه ويل جنرل پرويز مشرف سريلنڪا جي راڄ ڌاني ڪولمبو مان پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائين جي ايئربس فلائيٽ 508 پي ڪي ذريعي وطن واپسي لاءِ ڪراچي روانو ٿي چڪو هو. ڪراچي ۽ نوابشاهه جا ايئرپورٽ جتي ممڪن طور جهاز لهڻو هو، سي سيل ڪيا ويا. 12 آڪٽوبر جي منجهند جو ساڍي ٽين وڳي وزير اعظم نواز شريف جنرل مشرف جي برطرفي ۽ جنرل ضياءُ الدين جي

نئين آرمي چيف جي تقرري واري آرڊر تي صحيح ڪئي. ويهن منٽن بعد اها خبر ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن تان نشر ڪئي وئي. ٻڌايو وڃي ٿو ته هوڏانهن جي ايچ ڪيو ۾ هنگامي طور چيف آف جنرل اسٽاف ليفٽيننٽ جنرل محمد عزيز خان، پاڪستان جي هٿياربند فوج جي 10 ڪور جي ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل محمود سميت ڪجهه فارميشن آفيسرن ۽ پرنسپل اسٽاف آفيسرن کي گهرائي نئين پيدا ٿيل صورتحال تي اعتماد ۾ ورتو ايتري ۾ نئون مقرر ٿيل چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءُ الدين آرمي چيف جي وردي ۾ ٻيج هڻي جي ايچ ڪيو پهتو پر چيف آف جنرل اسٽاف جنرل محمد عزيز خان ڪيس نئين آرمي چيف طور قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي ڪيس چيف جي آفيس ۾ ويهارڻ کان ٻاهري واري، جنهن تي جنرل ضياءُ الدين فوري واپس وزير اعظم هائوس پهتو جتي هن سموري ماجرا نواز شريف کي ٻڌايائين. جنهن وري پنهنجي ملٽري سيڪريٽري برگيڊيئر جاويد اقبال ذريعي شهباز شريف جي قائم ڪيل ايليٽ فورس ذريعي پاڪستان ٽيلي ويزن ۽ ريڊيو پاڪستان اسلام آباد جي بلڊنگ کي قبضي ۾ آڻي وزير اعظم نواز شريف پاران ڇهين وڳي قوم سان خطاب جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. هوڏانهن وزير اعظم هائوس پاران سول ايوي ايشن جي ڊائريڪٽر جنرل امين چوڌري، ڊائريڪٽر آپريشن ريدار يوسف عباس کي هدايتون ڏنيون ويون ته ڪولمبو کان ايئر فلائيٽ 805 پي ڪي کي ڪنهن به صورت ۾ ڪراچي ايئر پورٽ تي لهڻ نه ڏنو وڃي. ان سلسلي ۾ سنڌ جو چيف ايگزيڪيوٽو سيد غوث علي شاهه، انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ رانا مقبول ۽ ڊي آءِ جي ڪراچي اڪبر آرائين کي حڪم ڪيو ويو ته زبردستي لهڻ جي صورت ۾ جنرل مشرف کي گرفتار ڪيو وڃي. سنڌ ۾ ڪراچي جو متبادل ايئر پورٽ نوابشاهه آهي، اتي به ايس ايس پي نوابشاهه احسان اگوندل کي چيو ويو ته جنرل مشرف کي ايئرپورٽ تان ٻاهر نه ڇڏيو وڃي. پاڪستان جي هٿيار بند فوج اهڙي طريقي سان پنهنجي چيف جي برطرفي کي پنهنجي توهين سمجهندي تحرڪ ۾ اچي وئي. جي ايچ ڪيو ۾ ليفٽيننٽ جنرل عزيز خان ۽ 10 ڪور جو ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل محمود صورتحال سنڀاليندي ڪراچي جي ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل مظفر عثماني جنرل مشرف جي جهاز جي سلامتي سان ڪراچي ايئر پورٽ تي لينڊنگ بابت طئي ڪري ورتو اهڙي طرح جنرل عثماني ۽ جنرل آفيسر ڪمانڊنگ جي او سي ڪراچي ميجر جنرل افتخار مليرڇانوڻي مان هٿياربند فوج جي يونٽن کي (Move Order) جاري ڪندي ڪراچي ايئرپورٽ کي ڪنٽرول ۾ وٺي ڇڏيو جهاز جي پائلٽ جنرل مشرف کي سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ جڏهن پائلٽ کي ڪنٽرول ٽاور ذريعي خبر پئجي وئي ته ڪراچي ايئر پورٽ کي هٿياربند فوج ڪنٽرول ڪري چڪي آهي ته پائلٽ ڪنٽرول ٽاور ذريعي جنرل مشرف جو رابطو جي او سي ڪراچي ميجر جنرل افتخار ملڪ سان ڪرايو انهن درميان جيڪا گفتگو ٿي، سان هيٺئين ريت آهي. جنرل مشرف: مان چيف آف آرمي اسٽاف ٿو ڳالهايان. جنرل افتخار: سر مان جنرل افتخار ٿو ڳالهايان. جنرل مشرف: افتخار! عثماني ڪٿي آهي؟ جنرل افتخار: سر! جنرل عثماني وي آءِ پي لائونج ۾ آهن، هو گيٽ تي اوهان جا منتظر هوندا. جنرل مشرف: ڇا مسئلو آهي؟ جنرل افتخار: سر به ڪلاڪ اڳ اوهان کي رٽائر ڪري جنرل ضياءَ کي چيف مقرر ڪيو ويو آهي، ۽ اوهان جي جهاز لاءِ رن وي جا رستا بند ڪيا ويا، پر اسان حالتن تي ڪنٽرول ڪري ورتو آهي، اوهان هاڻي رن وي تي لهي سگهو ٿا. جنرل مشرف: افتخار! اوهان جي وڏي مهرباني، محمود ۽ عزيز کي چئو ته ڪير به ملڪ ڇڏي نه وڃي. جنرل افتخار: رائيٽ سر اسين اوهان جو انتظار ڪري رهيا آهيون. پڻ جنرل مشرف خلاف اڳوڻي وزير اعظم پاران ڪيل پلاننگ کي عملي روپ نه ملي سگهيو ۽ هڪ ڀيرو وري ملڪ مٿان فوجي راڄ مڙهيو ويو ۽ ٻئي طرف نواز شريف کي ڪجهه جنرلن وزيراعظم هائوس مان گرفتار ڪري اٽڪ قلعي پهچائي ڇڏيو ۽ جنرل مشرف ملڪ جو چيف ايگزيڪيوٽو بڻجي ويو سندس دور اقتدار ۾ بينظير ڀٽو صاحبه نواب اڪبر بگٽي سميت ڪيترن جي شهادتن جا الزام آهن. اڄ هو طاقتور آمر آخر هي فاني جهان ڇڏي هليو ويو

پڃ پتنگن کي، سنڌيون ڪامڻ خبرون:
آٽيو وحهن آڳ ۾، جيءُ پنهنجو جي:
جيري جنين جي، لڳا نيزا نينهن جا!

هيومن رائٽس، خرم پرويز ۽ بي جي پي

ڪوثر لوڌي

ڀارت جي دهشتگردي جي خاتمي واري اداري هڪ ڀيرو ٻيهر ڪشميري انساني حقن جي ڪارڪن خرم پرويز کي گرفتار ڪري پنهنجي ڪاري قانون تحت نظربند ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ قانون تحت ضمانت حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. خرم پرويز هندستان جي حڪمران جماعت ڀارتيه جنتا پارٽي جي ناقدن ۾ شامل آهي. جمون ۽ ڪشمير ڪوئليشن اينڊ سول سوسائٽي ڪشمير ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت ڪيترين ئي رپورٽون شايع ڪري چڪو آهي. هو ڪشمير ۽ ايشيا ۾ جبري گمشدگين بابت هڪ تنظيم جو سربراهه پڻ آهي. خرم پرويز جي آفيس ۽ رهائشگاهه تي ڇاپو هنيو ۽ مٿس دهشتگردن جي مالي مدد ۽ سازش ۾ حصو وٺڻ جو الزام هنيو جڏهن ته خرم پرويز جي طرف کان ڪو به بيان سامهون ناهي آيو ۽ نه ئي ڪو ردعمل سامهون آيو آهي. عالمي سطح تي هر فورم تي سندس آزاديءَ جا مطالبا ڪيا پيا وڃن. 2016 ۾ اختيارين ڪيس تڪراري پبلڪ سيفٽي ايڪٽ تحت گرفتار ڪيو جڏهن ڪيس سوئٽزرلينڊ ۾ منعقد گڏيل قومن جي انساني حقن واري ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي. ان ڪري 22 نومبر 2022ع تي گرفتار ٿيل خرم پرويز لاءِ ڪشمير ميڊيا سروس جي انساني حقن جي ڪارڪنن جي صورتحال تي گڏيل قومن جي خاص نمائندي هڪ ٽوئيٽ ۾ چيو ته ڪيس ڪشمير ۾ خرم پرويز جي گرفتاري جي ڏکوئيندڙ خبر ملي آهي ۽ انتظاميه طرفان دهشتگرديءَ سان لاڳاپيل ڏوهن جا الزام لڳڻ جو خطرو آهي. گڏيل قومن جي خاص نمائندي واضح ڪيو ته خرم پرويز دهشتگرد نه پر انساني حقن جو علمبردار آهي. ان حوالي سان هيومن رائيٽس واچ جي سائوٿ ايشيا ڪوآرڊينيٽر ميناڪشي گنگولي جو چوڻ هو ته خرم پرويز جي گرفتاري دراصل ڏکوئيندڙ عمل آهي. هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته قابض ڀارتي انتظاميا انهن ماڻهن کي مسلسل نشانو بڻائي رهي آهي جيڪي بنيادي انساني حقن جهڙوڪ تشدد ۽ ماوراءِ عدالت قتل جي روڪٿام لاءِ يو اي پي اي جي ڪاري قانون ذريعي آواز بلند ڪن ٿا. عالمي سطح تي انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم رائٽر فائونڊيشن هڪ بيان ۾ ڀارت کان مطالبو ڪيو آهي ته خرم پرويز کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. فائونڊيشن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڀارتي حڪومت پنهنجي ملڪ جي آئين ۽ عالمي معاهدن ۾ درج ماڻهن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ڪشميرين کي حراسان ڪري رهي آهي. ڀارت جي سياسي ڪارڪن يوگيندرا ياديو چيو آهي ته شرم جي ڳالهه آهي ته سڄي زندگي انساني حقن جو تحفظ ڪندڙ خرم پرويز تي هاڻي دهشتگردي جا الزام لڳايا پيا وڃن. سرينگر ۾ آل پارٽي حريت ڪانفرنس جي چيئرمين مير واعظ عمر فاروق جي سربراهي ۾ حريت فورم ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسي ايشن پنهنجن الڳ الڳ بيانن ۾ مودي حڪومت جي طرفان خرم پرويز جهڙي انساني حقن جي ڪارڪنن کي قيد ۾ رکڻ جي سخت مذمت ڪئي آهي. حريت ڪانفرنس جي ترجمان افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڀارت والاريل ڪشمير ۾ حق خودارادي جي پرزور مطالبي کي دٻائڻ لاءِ ڪارو قانون اين آءِ اي کي عمل ۾ آندو آهي. ميرواعظ فورم انساني حقن جي عالمي تنظيمن تي زور ڏنو آهي ته ڀارت والاريل ڪشمير ۾ وڏي پيماني تي گرفتاريون بند ڪري. بار ايسوسيئيشن چيو آهي ته خرم پرويز جي گرفتاري جو مقصد جمون ۽ ڪشمير جي مظلوم عوام جي آواز کي دٻائڻ آهي. ٻين حريت اڳواڻن، تنظيمن، عبدالاحد، ڊاڪٽر مصعب احمد، ڪشمير فريڊم فرنٽ، جمون ۽ ڪشمير پيپلز فريڊم ليگ، خرم پرويز جي گرفتاري ۽ والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي فورسز پاران انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. ڪشمير ڪائونسل يورپ ۽ ليگل فورم فار ڪشمير پڻ خرم پرويز جي گرفتاري جي مذمت ڪئي آهي. آل پارٽيز حريت ڪانفرنس جي اڳواڻ ياسمين راجا شهيد ڊاڪٽر مدثر گل جي خاندان سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ سرينگر جي علائقي بدگام پهتي. ان موقعي تي نيشنل ڪانفرنس جي صدر فاروق عبدالله جمون ۽ ڪشمير ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڌمڪيون نه هلنديون. بي جي پي هندستان ۾ مسلمانن سان ۽ والاريل ڪشميرجي مسلمانن سان ظلم ڪري رهي آهي پر ڀارت کي سمجهڻ گهرجي ته هڪ خرم پرويز جي گرفتاري سان هو سوشل ميڊيا ۽ دنيا جي ٻين انساني حقن جي تنظيمن جو آواز ڪڏهن به خاموش نه ڪري سگهندو اهڙي طرح هڪ ڏينهن هندستان اڪيلو ٿيندو ۽ سڄي دنيا جو اعتماد وڃائي ويهندو

بقايا *** 01

جي پرڏيهي پاليسي اهم ٿنڀ رهندو. هن چيو ته پاڪستان والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن تي خاموش نه ويهندو. پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي قربانين کي سلام پيش ڪري ٿو. پرڏيهي وزير چيو ته سترن ڏهاڪن کان ڀارتي فوج ڪشميرين تي ظلم ڪري سندس حقن کان محروم ڪيو آهي. ڀارت کي والاريل ماڻري ۾ انساني حقن جو سنگين ڀڃڪڙيون ختم ڪرڻيون پونديون. هن چيو ته پيپلز پارٽيءَ جو بنياد ئي ڪشمير مسئلي تي رکيو ويو هو. قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چيو هو ته ڪشمير مسئلي

عمل ظاهر ڪيو ۽ ان خصوصي عدالت جي جوڙجڪ کي چيلينج ڪيو ۽ اعليٰ عدالت ان خصوصي عدالت جي تشڪيل کي غير قانوني قرار ڏئي معاملو لٽي مٽ ڪيو هو. ڪجهه عرصي بعد پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي سينارٽي باوجود اسٽيبلشمينٽ جي مخالفت سبب سپريم ڪورٽ ترقي نه ملي ۽ هو ڪورونا سبب مشڪوڪ حالت ۾ فوت ٿي ويو هو. پاڪستان جي تاريخ ۾ 4 ڀيرا مارشل لا هڻندڙ فوجي جرنيلن لاءِ هي عدالتي فيصلو وڏو ڌڪ ثابت ٿيو هو.

بقايا *** 03

بدلي آهي. آرمي چيف جو عهدو سنڀالڻ کانپوءِ جنرل عاصم منير جو اهو برطانيا جو پهريون دورو آهي. دوري دوران عاصم منير پنجين يوڪي پاڪ اسٽيبلائزيشن ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندو. پاڪ اسٽيبلائزيشن ڪانفرنس پنج کان اٺ فيبروري تائين ولٽن پارڪ ۾ جاري رهندي.

بقايا *** 08

پنهنجي قربانين جي ذريعي ڪشمير مسئلي کي زنده رکيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڀارت

سلام پيش ڪيان ٿي، هڪ ڏينهن ڪشمير پاڪستان بڻبو هن چيو ته نواز شريف ۽ شهباز شريف کي احساس آهي، ملڪ ۾ مهانگائي تي هو ڏکارا آهن. دل ۾ سخت تڪليف آهي ته عوام ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. اٽو، دال، چانور سبزيون، بجلي گئس مهانگي ٿي وئي آهي جنهن تي مرنڪي به تڪليف ٿئي ٿي. عوام چائي ٿو ته ملڪ ۾ مهانگائي ڪنهن جي پاليسين جو نتيجو آهي. پر نواز شريف جيئن ٻهريان ملڪ کي بحران

ڊاڪٽرن سندس ٻڌايو آهي ته ڪينسر جي مريضن کي علاج دوران 2 کان 3 پيٽ اسڪين جي ضرورت پوندي آهي. هن چيو ته جناح اسپتال ۾ پيٽ اسڪين ۽ سائڪلوٽرون به سنڌ حڪومت ۽ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن جو گڏيل منصوبو آهي. جنهن جو افتتاح سندس 2016ع دوران ڪيو هو. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ ڪنهن به ٻين اسپتالن جي مقابلي ۾ جناح اسپتال سڀ کان وڌيڪ مريضن جي سارسنڀال ڪندو آهي. سائبر نائف يونٽ جي

ڪريان ٿو. هن چيو ته اسان جي هنن پنهي صاحبن سان ڀرائورشتو آهي ۽ اهي هن شهر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اسان سان گڏ ڪم ڪندا. هن چيو ته سنڌن اچڻ سان اسان جي پارٽي شهر ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندي. هڪ سوال جي جواب ۾ سعيد غني چيو ته بلدياتي چونڊن ۾ پ پ جي ڪاميابي ووٽن جي ڪري ملي. جماعت اسلامي، پ پ ۽ پي ٽي آءِ ٻيهر ڳڻپ جي درخواست ڪئي. اليڪشن ڪميشن جڏهن جماعت اسلامي جي درخواست تي

فيضان راوت چيو ته آءٌ جنهن پيشي سان لاڳاپيل آهيان ان ۾ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو پر جڏهن اسان پيپلز پارٽيءَ جو ساٿ گهريو ته اسان جا مسئلا حل ٿي ويا آهن. هن چيو ته ڪراچي جي ترقي لاءِ پيپلزپارٽي کي هڪ موقعو ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي وارن جن کي موقعو ڏنو هو هڪ ڏينهن به ڪراچي ۾ رهڻ لاءِ تيار ناهن. هن چيو ته ڪراچي ۾ به ترقياتي ڪم جاري آهن ۽ نيون بسون به هلڻ شروع ڪيون آهن.

بقايا *** 16

گهرجي ۽ جيڪو 26 هين نومبر تي اوهان سان ٿيو اهو به نه وسارڻ گهرجي.

بقايا *** 22

ته سيڪريٽري لوڪل گورمينٽ نجم شاهه ۽ انجي گهرياتين سرڪاري هنڌن تي خانگي تقريبن تي لڳايل پابندي جي خلاف ورزي ڪندي پنهنجي ڌيءَ جي سالگرهه جي تقريب جو اهتمام ڪيو هو سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر سهيل احمد راجپوت ٻڌايو ته چڙيا گهر جي انتظامي اداري

بقايا سنڌيار 01

جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ استادن . شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي تفصيل موجب. خيرپورناٿن شاه جي بوائز هاء اسڪول ۾ ڪشمير جو ڏهاڙو هيڊماستر الهورايو ڪوسو جي اڳواڻي ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ استادن . شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪشمير ۽ پاڪستان جا جهنڊا ڦڙڪايا ۽ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي هيڊماستر الهورايو ڪوسو . عبدالرزاق ٻبر . اشتياق حسين ڳاڏهي . سيد عاشق حسين شاه . الهرکيو ڪوسو ضمير احمد ملاح . قادربخش ڪنير , راجا بجاج ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪشمير پاڪستان جي ساه رڳ آهي ڀارت جي بربريت ۽ ظلم جي مذمت ڪجي ٿي ڪشميري ڀائرن جي اخلاقي مدد جاري رکبي هنن ڳڏيل قومن ڪان مطالبو ڪيو ته اقوام متحد ۾ پاس ٿيل قرارداد مطابق آزادي ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 02

امن ميلي ۾ پاڪستان مان گهوڙن جي شوقينن جي شرڪت. ڪچي توڙي پڪي جي ماڻهن تفريح به ڪئي. خبرموجب سرحد پرسان فتح پور ۾ پ پ اڳواڻ مير احسان خان سندراڻي، مير حمزه خان سندراڻي، مير نويد خان سندراڻي پاران سورهون ساليانو امن ميلو ڪرايو ويو جنهن ۾ صوبائي صلاحڪار سردار بنگل خان مهر، سردار منظور خان پنهور، محمد خان جوڻيجو، ايم اين اي رياض خان مزاري، اظهر خان لغاري، مير شفقت خان جکراڻي، جازيب خان ڊومڪي، نثار خان ڪوسو چنگيز خان پنهور، مير وحيد خان رند، رئيس عبدالسبحان ساوند، چيف احمد علي ملڪ، احسان عارباڻي، اويس خان سندراڻي، تميز خان، سعود خان سندراڻي سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي امن ميلي ۾ مختلف جوڙن جي گهوڙن ۾ ڊوڙ جا مقابلا ڪرايا ويا، ڊوڙ جي مقابلن ۾ ٻهرين جوڙ ۾ مير منظور خان پنهور جي گهوڙي ٻهرين پوزيشن حاصل ڪري ميلي ڪي لٽي ورتو جڏهن ته ٻئي جوڙ ۾ مير احسان خان جي گهوڙي سوپ حاصل ڪئي حاصل ڪئي ۽ ٽين جوڙ ۾ مير حمزه خان سندراڻي جي گهوڙي ڊوڙ جو مقابلو ڪٽي ورتو امن ميلي ۾ پوري پاڪستان ڪان هزارين گهوڙن جا شوقين پهتل هئا جڏهن ته ٽي سئو ڪان وڌيڪ گهوڙن ڊوڙ ۾ حصو ورتو ان ڪان علاوه امن ميلي ۾ ڪچي توڙي پڪي ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تفريح پڻ حاصل ڪئي، امن ميلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مير احسان خان سندراڻي جو چوڻ هو ته گهٽ ۽ بوسٽ واري ماحول ۾ امن ميلو ڪرائي گهوڙن جي ڊوڙ ڪرائڻ سان ماڻهن کي تفريح ملندي گهوڙن جو شوق اسانجي ثقافت جو حصو آهي اڄ به گهوڙن جي شوق کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي

بقايا سنڌيار 03

سندس اباڻي ڳوٺ محمد ابراهيم ڪيڙانو ۾ ٿيو ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانٽو، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، علي محمد پروين، امير حمز ڪيڙانو، راحيل پٽو، الطاف راهوجو، حسين آزاد ميمڻ، غلام علي زنئور، منا خان لاشاري، عزيز ميمڻ، گهنور خان زنئور ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ماما عارب ڪيڙانو رسول بخش پليجي ۽ شهيد فاضل راهو سان گڏجي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي سنڌي ماڻهن کي سجاڳ ڪري ڪين جدوجهد جي ميدان ۾ آندو. هو پنهنجي ساه جي آخري گهڙين تائين فڪر رسول بخش پليجو سان ثابت قدم رهيو سنڌ جي مظلوم ۽ پورهيت طبقي لاء جدوجهد ڪرڻ، سنڌ جي عورتن کي باشعور بڻائڻ ۾ ماما عارب ڪيڙانو جو تمام وڏو حصو رهيو آهي. هوايم آر ڊي تحريڪ، سنڌ جون زمينون نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽرلسٽون سنڌي ۾ ڇپرايو ۽ ٻين ڪيترين ئي جدوجهدن ۾ اڳيرو رهيو

بقايا سنڌيار 04

ويا، ڊڙو جي ٽيڪسي اسٽاپ تي 3 ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو ڊڙو، حيدرآباد ٽريفڪ معطل، پ پ ايم پي اي سيد شاه حسين شاه شيرازي پاران يڪجهتي طور ڌرڻي ۾ شرڪت، ڊڙو ۾ بدامني جي وڌندڙ وارداتن ۽ منشيات جي وڌندڙ زهر خلاف شهرين، واپارين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن رشيد آزاد، سڪندر ميمڻ، سائين اسلم سومرو، حافظ اعجاز سومرو، علي رضا ميمڻ، عثمان سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن ٽيڪسي اسٽاپ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو، جنهن سبب ڊڙو، بلورو وايا پنون حيدرآباد روڊ ٽن ڪلاڪن تائين بند رهيو. جڏهن ته يڪجهتي طور حد جو چونڊيل پ پ ايم پي اي سيد شاه حسين شاه شيرازي لڳل احتجاجي ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيو چونڊيل ايم پي اي ڊڙو پوليس جي ايس ايچ او تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي شهرين کي يقين ڏياريو ته بدامني ۽ منشيات جي زهر کي بند ڪرائي ملوث ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ان موقعي تي شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊڙو پوليس بدامني ۽ منشيات تي ڪنٽرول ڪرڻ لاء مڪمل طور تي ناڪام وئي آهي، عوام عدم تحفظ جو شڪار آهي، ڌوهاري ٽولا سري عام وارداتون ڪري رهيا آهن، بدامني تي ضابطو آيو ته ايس ايس پي آفيس سجاول آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

گهرن تي چڙهائي ڪري نوجوان کي ڪنهي گم ڪرڻ خلاف ٽنڊو ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر ٽنڊو ڪوٽ پرسان يوسي فضل پنهيرو جي ڳوٺ سائين بخش سومرو جي رهواسين انور سومرو معذور منور سومرو عورت ذوليخان سومرو معصوم ٻارڙن سميت ٽنڊو ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام هنيو آهي ته نفيس نگر پوليس جي انچارج گلزار ٽنگڙي ۽ وجوٽو پوليس جي ايس ايچ او ملڪ مشتاق اسان خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي هنن چيو ته صبح ڏهه وڳي پوليس ۽ ڳوٺ پڙيو سومرا جا رهواسي جمعون سومرو غلام حسين سومرو خدابخش سومرو بلا جواز گهرن تي چڙهائي ڪري گهر جي نوجوان ربڏنو سومرو تي تشدد ڪري عورتن معصوم ٻارڙن تي تشدد ڪري ربڏنو سومرو کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي اڃان تائين ڪٿي به ظاهر نه ڪيو آهي هنن چيو ته اسان کي خدشو آهي ته پوليس ٻاٿرن جي چرچ تي قتل نه ڪري ڇڏي هنن چيو ته پوليس گهرن مان 4 ٻڪريون گهر جو سوررو الهو تلهو ٻهاري وئي آهي هنن چيو ته وجوٽو پوليس ٻاٿرن جي چوڻ تي چوري جو الزام هٽي بلاجواز ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو هو اج وري گهرن تي چڙهائي ڪري اسان جو نوجوان ڪنهي گم ڪيو ويو آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايس پي ميرپورخاص ايس ايس پي

ٿرپارڪر کي اپيل ڪئي آهي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 06

آزادي لاء وڪيل برادري , سياسي سماجي اڳواڻن سميت عمراڻي، جمالي ، ميمڻ، اڄڻ . لهر سنجراڻي برادري ۽ شهرين طرفان رستم موڙ ڪان پريس ڪلب تائين پر امن احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ,احتجاجي مظاهري ۾ خطاب ڪندي وڪيل اظهر ميمڻ,بابل عمراڻي,رفيق سڏايو,ڪاشف اڄڻ,اسد الله سومرو,صدام حسين وڏيو, شاهنواز جمالي,ميان اظهر سنجراڻي,استاد ميهر علي لهر ۽ ٻين چيو ته 5 اڳ جيڪب آباد ۾ وڪيل شفقت عمراڻي جي ڀيڻ صنم عمراڻي جو گهر اندر لاش هٿ آيو هو . هنن الزام هڻندي چيو ته شفقت عمراڻي مٿان سندس جي ڀيڻ صنم عمراڻي جي قتل جو ڪيس سرڪار جي فرياد تي ويڳي ڀائرن ملڪيت ڦٻائڻ جي چڪر ۾ داخل ڪرايو آهي, هنن چيو ته شفقت عمراڻي بي گناه آهي, انکي قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي, جڏهن ته 5 سال گذرڻ باوجود ڪيس نه ٿو هلايو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته ڪيس هلائي جاچ مڪمل ڪئي وڃي جيئن خبر پئجي سگهي ته اصل قاتل ڪير آهن . شفقت عمراڻي بي گناه قيد ڪاٽي رهيو آهي,هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان,سنڌ هاء ڪورٽ سميت اعلي اختيارين ڪان گهر ڪئي ته واقعي جي صاف شفاف جاچ ڪرائي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 07

لاء آيل سامان تقسيم ڪيو ويو خبر موجب ضلع نوشهروفيروز جي گورنمينٽ مدرسه هاء اسڪول جي گرائونڊ ۾ سهارا عظيم فائونڊيشن طرفان سردي ڪان بچاء لاء برسات متاثرين مستحق مردن، عورتن ۽ ٻارڙن ۾ ڪمبل, لوين, سوڙيون بوٽ, جرابا ۽ ٻيو سامان ورهايو ويو، ان موقعي تي سهارا عظيم فائونڊيشن جي سي او ماجد عظيم ڪونڌر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان انسانيت جو فرض نڀائيندي ضلع نوشهروفيروز ۽ آس پاس جي مختلف علائقن ۾ برسات متاثرين مستحق ماڻهن ۾ سردي جي حوالي سان سامان تقسيم ڪيو آهي ۽ انشاء الله اڳتي ۾ برسات سبب متاثر مستحق ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪندا رهنداسين هي سامان سهارا عظيم فائونڊيشن جي سي او ماجد عظيم ڪونڌر، روزاني حق سچ اخبار جي ايڊيٽر قاضي سارنگ صاحب، نوشهروفيروز جي سينيئر صحافي ضمير حسين لنڊ، سينيئر صحافي پرويز حسين پنڊ ۽ فقير صابر رند جي نگراني ۾ سامان ورهايو ويو

بقايا سنڌيار 08

ايگزيڪيوٽو ڊاڪٽر سيد نديم قمر جو پيئويو سيد شبير علي شاه هاتف ، 83 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي سندس جنازي نماز ڪراچي علائقي سي وي ۾ اڄ صبح 10 وڳي اداڪئي ويندي جنهن ڪانپوءِ سندس مڙهه کي سندس اباڻي قبرستان مقبرو شريف ڪٽر لڳ ٽنڊو محمد خان آندو ويندو جتي سندس تدفين ڪئي ويندي سيد شبير شاه هاتف وينهنجي پليان هڪ گهرواري 3 پٽ ۽ 2 نياڻيون سوگوار طور ڇڏيا آهن سيد شبير شاه هاتف سنڌ جي پهرين صف جو شاعر هو

بقايا سنڌيار 09

شيخ جي اڳواڻي ۾ هڪ ڳڏجاڻي ڪوٺائي وئي، ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين، ڊي ايچ او ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو، ڊي اي او حزب الله ڪوريجو ۽ ضلعي جي سيني ڪاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي هڪ منٽ جي خاموشي پڻ اختيار ڪئي وئي، ان بعد ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪان پريس ڪلب تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي پڄاڻي تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته اسين سڀ شهري اڄ اهو واعدو ورجائي رهيا آهيون ته اسين دنيا جي هر فورم تي پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان گڏ آهيون. اسين پنهنجي ڪشميري ڀائرن تي ڀارتي فوج پاران ٿيندڙ ظلمن جي سخت مذمت ڪريون ٿا ۽ گڏيل قومن جي اداري ڪان اهو مطالبو ڪريون ٿا ته ڀارت پاران ڪشميري مسلمانن تي ظلم فوري طور بند ڪيا وڃن ۽ ڪشمير جي عوام کي گڏيل قومن جي اداري پاران پاس ڪيل قرارداد مطابق پنهنجي مرضي سان جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ اسان اها اميد ڪريون ٿا ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪشميري عوام کي آزادي جو حق حاصل ٿيندو

بقايا سنڌيار 10

ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪرڻ بعد ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ سول سوسائٽي جي ماڻهن ڪان علاوه مختلف سرڪاري ڪاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي، ريلي جي پڄاڻي واري موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته ريلي جي پڄاڻي واري هنڌ ڪان ريلي ڪڍي وئي انهي موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو شاهد نذير بلوچ چيو ته اسان اڄ اهو عهد ڪري رهيا آهيون ته هر فورم تي پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان گڏ آهيون.

بقايا سنڌيار 11

ڪئي ان موقعي تي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ٽنڊومحمدخان راجا نثار ميمڻ ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيد امجد شاه ، اسسٽنٽ مختيار ڪار قاضي توقير ، ريونيوايمپلائيز يونين جي ضلعي صدر پير فيصل جان سرهندي ، پ ٽ الف اڳواڻ شاهنواز مهر ، عارف قريشي ، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمنٽ جي آفيسر نعيم احمد سومرو ۽ ٻين چيو ته ڪشمير تي ڀارتي حڪومت جو ناجائز قبضو اقوام متحده جي منظور ڪيل نهرائڻ جي کلي خلاف ورزي آهي 7 ڏهاڪا گذرڻ باوجود والاريل ڪشمير جو تڪرار حل نه ٿي سگهيو آهي، والاريل ڪشمير ۾ بيگناهن جي قتل عام، ٻارڙن تي پيلٽ فائرنگ، تشدد سميت ڀارتي ظلم ايجا تائين جاري آهي ۽ ڪشميري پنهنجي همٿ ۽ بهادري سان حق خود اراديت حاصل ڪرڻ لاء مسلسل ڪوشش ۾ آهن. هن چيو ته ڀارتي فوج ظالماڻي طريقي سان هزارين بيگناه ڪشميرين کي بي رحماڻي تشدد ۽ غيرقانوني حراست دوران قتل ڪري رهي آهي، هن چيو ته هر سال 5 فيبروري تي ملهائيندڙ يوم يڪجهتي ڪشمير ڪشميرين کي ڀارتي تسلط خلاف ۽ حق خود اراديت لاء عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو هنن چيو ته هن سال به اسان پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان گڏ ڀرپور انداز ۾ يڪجهتي جو اظهار ڪنداسين. 1990 ع ۾ جڏهن هٿين خالي ڪشميرين تي ظلم ۽ بربريت جا پهاڙ ڪيرايا ويا ته پاڪستان عالمي برادري کي باور ڪرايو ته ڪشمير مسئلي جي حوالي سان توهان پاڪستان ۽ ڪشميرين سان هڪ واعدو ڪيو هو جيڪو اڃان تائين وفا نه ٿي سگهيو، والاريل جموں ۽ ڪشمير ۾ عالمي سطح تي هڪ تسليم ٿيل تڪراري

علائقو آهي ۽ سلامتي ڪائونسل جون ڪيترين ئي قراردادون ان حوالي سان موجود آهن. ڪشميرين سان واعدو ڪيو ويو هو ته گڏيل قومن جي سرپرستي ۾ انهن کي فيصلي جو اختيار ڏنو ويندو ۽ انهن جي راء جو احترام ڪيو ويند

بقايا سنڌيار 12

ته 13 رجب جي جشن جا ڪافي ليڊيز پروگرام پڻ مختلف محلن جي گهرن ۾ شيعان حدر ڪرار طرفان ملهايا ويا.جشنِ مولودِ ڪعبه جي سلسلي ۾ روايتي مرڪزي جلوس شام جي وقت زوار ممتاز علي سيال ,واحد بخش ٿهيم ,مجاهد علي سمون جي اڳواڻيءَ ۾ امام بارگاه مظلوم ڪربلا ٺٽون ديرو مان برآمد ڪيو ويو. جيڪو شهر جي مقرر ڪيل رستن ڪان ٿيندو ڪلم چوڪ تي پهتو. جتي قصيده خوان حضرات امير ڪائنات جي شان ۾ قصيده خواني ڪئي، ۽ خطيب ولات مولوي فيض محمد عباسي خطاب ڪيو جلسي ڪان بعد جلوس واپس امام بارگاه مظلوم ڪربلا ۾ اختتام پزير ٿيو جتي لنگر نياز تقسيم ڪيو ويندو جلسو جي سيڪيورٽي جا انتظام مختار فورس نئون ديرو سر انجام ڏنا...

بقايا سنڌيار 13

روينيو، ضلعي جي سرڪاري غيرسرڪاري تنظيمن ، اين جي اوز ، ميڊيا، اقليتن ۽ سول سوسائٽي جي هر طبقي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان چيو ته ڪشميرين جي جدوجهد کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاء اڄوڪو ڏينهن ملهايو پيو وڃي هن چيو ته گذريل 75 سالن ڪان انڊيا ڪشمير تي ناجائز قبضو ڪيو آهي ۽ اقوام متحده جي ڪراداد کي مسلسل نظر انداز ڪيو پيو وڃي ڪشميرن تي انڊين آرمي پاران جيڪو ظلم ٿي رهيو آهي اها سراسر هيومن رائٽس جي لتاڙ آهي. هيومن رائٽس ڪميشن کي ان جو سختي سان نوٽيس وٺڻ گهرجي، ڪشمير جو عوام سالن ڪان وٺي ظلم برداشت ڪري رهيو آهي سالن ڪان هلندڙ ظلم بند ڪيو وڃي. هي هڪ قومي ڪاز آهي ۽ ڪشمير اسان جي شهه رڳ آهي جنهن جي آزادي لاء اسان هر وقت تيار آهيون هن چيو ته انشاء الله هڪ ڏينهن ڪشمير ضرور آزاد ٿيندو ۽ ڀارت جي ناپاڪ ارادن کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. ان سلسلي ۾ بدين جي عوام جو جوش ۽ جذبو قابل ديد آهي ۽ ڪشميري ڀائرن سان هر وقت گڏ آهي هن چيو ته اسان پنهنجن ٻارڙن کي به ڪشميرين جي جدوجهد ڪان آگاه ڪريون ۽ انڊيا جي ظلم بابت پڻ آگاهي ڏيون ريلي ۾ ڪشمير جي شهيدن لاء پڻ دعائون ڪيون ويون

بقايا سنڌيار 14

احمد ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ڊيفڪليريا ايسوسيئيشن 2023 جي اينڊڙ چونڊن ۽ خاص ڪري اسٽيٽ بزنس نه هجڻ بابت بزنس ڪميونٽي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڊيفڪليريا جي اليڪشن 2023 ۾ پروگريسو پاور الائنس جي صدارتي اميدوار نور احمد ابڙيجو جي ڪاميابي لاء پڻ دعائون گهريون ويون ۽ ان موقعي تي نور احمد ابڙيجو صاحب جي بروڪرز ڪميونٽي لاء ڀرپور خدمتون ۽ سهڪار کي پاڻ ساراهيو ويو

بقايا سنڌيار 15

وٺي، ريلي ۾ ڪندن مالهي، سروپ ساڌواڻي، نهچل گوماڻي، ڪمليش موتيرام، سريش لکواڻي، جئه پرڪاش لوهاڻو، تيرٿ مالهي، امن گوماڻي، هاشم هنگورجو، روشن ميگهواڙ، لالا لڇپت درزي سميت وڏي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي، ڪشميرن سان ڀارتي جارحيت نامنظور، ڪشمير بني گا پاڪستان ۽ پاڪستان زنده باده جا نعرا هڻي ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي ڪئي وئي، ريلي کي ٽر ايڪشن فورم جي چيئرمين ۽ پ پ پ اڳواڻ ڪامريڊ نندلال مالهي خطاب ڪندي چيو ته تاريخي طور ته ڪشمير هڪ رياست ۽ وطن رهيو آهي، آزادي ڪشميرين جو بنيادي ۽ ڪائناتي حق آهي، ڪشمير ته ڀارتي جارحيت، قبضي ۽ ظلم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، ڪشميرين تي ڀارتي جارحيت ڪنهن به صورت ۾ برداشت جوڳو ناهي، هن چيو ته ڪشميرين کي اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل جي قراداد موجب حق خود اراديت ڏني وڃي، جيستائين ڪشميرن سان ظلم بند نه ٿيندو، تيستائين ڪشميرين جي حمايت هر حالت ۾ جاري رهندي. ريلي کي واپاري اڳواڻ شامداس لوهاڻو ۽ سورن سنگهه پڻ خطاب ڪيو. ريلي جي اختتام تي مودي جي پتلي کي باهه ڏئي ساڙيو ويو.

بقايا سنڌيار 16

ناڪا بندي ڪندي دودا پڪٽ پر سان ڪاروائي ڪري تنوير احمد کي هرڪجي اغوا ٿين ڪان بچائي ورتو

بقايا سنڌيار 17

جي ڪرپشن,اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ، سوئي گئس جي هٿرادو بحران، ميونسپل ڪاميٽي، روينيو پبلڪ هيلٽ، ٽريزري آفيس، سبزي منڊي جي مارڪيٽ ڪاميٽي هٿرادو ريٽ مقرر سميت دادو ضلعي جي سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن خلاف ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي مظاهرين مجيب پنهور سڪندر پنهور ايڊوڪيٽ حبيب لغاري ڊاڪٽر عزيز لغاري,ڊاڪٽر جبار ٻبر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب دادو اڳيان علامتي بک هڙتال ڪري چيف جسٽس آف پاڪستان، نيب چيئرمين، اينٽي ڪرپشن ڪان مطالبو ڪيو ته دادو ضلعي مان هرمهيني ادارن ۾ مبينا اربين روپين جي ٿيندڙ ڪرپشن جي شفاف جاچ ڪري ڊي سي دادو ۽ ادارن جي آفيسرن کي هٽائي ضلعي جي چئن ئي تعلقن جي اندر ايماندار آفيسر مقرر ڪري دادو جي عوام سان انصاف ڪيو. بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 18

قريشي صوبائي جنرل سيڪريٽري مخدوم محمد اعظم معاون صدر مشتاق احمد سومرو صوبائي معاون جنرل سيڪريٽري طارق حسين منگي سميت صوبه سنڌ جي عهديدارن خلف ڪرام سميت برانچن جي عهديدارن شرڪت ڪئي حلف برداري تقريب جو باقاعده آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو ۽ آيل مهمانن ۽ خلفاء ڪرام کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ويا ۽ گلن جا هار پارايا ويا حلف برداري تقريب ۾ سمورين برانچن جي عهديدارن کي جماعت اصلاح المسلمين زون جي صدر مولانه ربنواز چنه حلف کڻايو حلف برادري تقريب ۾ خليفه ڊاڪٽر وحيد الدين ميمڻ پاران صحت ۽ تندرستي بابت ليڪچر ڏنو ويو برانچ نوشهرو فيروز ۽ مليائي کي بهترين ڪارڪردگي تي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي صدر قاضي مشهود احمد قريشي علي محمد سومرو برانچ مليائي جي صدر منصور احمد چڱتائي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته دين اسلام امن پائيداري سان رهڻ جو سبق

ڏئي ٿو پاڙيوارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ گهرجي جماعت اصلاح المسلمين جا عهديدار ۽ ميمبر پنهنجي مرشد جي ڏسيل وات تي هلن هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين هڪٻئي سان گڏجي پنهنجا توڙي اوڙي پاڙي وارن جا مسئلا حل ڪن پنهنجو ۽ پنهنجي گهر ڀاتين جي صحت جو خاص خيال رکڻ گهرجي

بقايا سنڌيار 19

محبوب نوتڪاڻي، ٽائون ڪميٽي ملازمن سميت اسڪولي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ڀارت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سڪندر علي مهيري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪشميرين تي ڀارتي فوج پاران ٿيندڙ ظلم انتهائي افسوس جوڳو عمل آهي ۽ ڀارت پاران ڪشمير جي خاص حيثيت ختم ڪئي وئي آهي، ڀارتي ظلمن سان مظلوم ڪشميرين جا حوصلا گهٽائي نٿا سگهجن هن چيو ته ڀارت پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جي زور تي مظلوم ڪشميرين تي ناجائز بربريت ڪري ڪشميري ڀائرن کي ظلم جو نشانو بڻايو پيو وڃي، هن وڌيڪ چيو ته ڪشميرين سان هندستان جو ظلم بند ڪرائي قابض فوج کي ڪشمير مان نيڪالي ڏئي ڪين حق خود اراديت جو موقعو ڏنو وڃي ۽ پاڪ فوج جون ملڪ لاء قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن ۽ اسان پاڪ فوج سان هر وقت گڏ آهيون.

بقايا سنڌيار 20

پرنسپال سر منير احمد قريشي، سينيئر سيڪشن هيڊ مس زهرا جاڪرو، مس مريم شاهزيب سر اياز جماري، مس مهرو شا ۽ سمورن استادن ۽ شاگردن تقريرون ڪيون ۽ ٽيبلو پيش تقريب ۾ موزما، زائره، عليشا، زين، فارس سلمان، سليمان، ڪرن، مصباح، رمشا پنڪي، مسڪان ۽ ٻين حصو ورتو

بقايا سنڌيار 21

شاه امير خالد لغاري ۽ ناظم اسدالله چانڊيو جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي تعلقه آفيس ڪان يوم ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جماعت جي سرگرم ڪارڪنن، شهرين توڙي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي. جماعت اسلامي آفيس ڪان ريلي ڪڍي شهر جي مين اسٽاپ تائين "ڪشمير بڻبو پاڪستان. ڪشميري مسلمانن تي ظلم بند ڪيو" جا اپ ڏاريندڙ نعرا هنيا ويا. ريلي کي خطاب ڪندي ناظم جماعت اسلامي اسدالله چانڊيو چيو ته مودي سرڪاري فاشزم جا سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن. ڪافي عرصي ڪان وٺي، مسلمانن نوجوانن، توڙي پوڙهن ٻڪن کي بيگناه شهيد ڪيو پيو وڃي. اڄ ڪشميرين جي يوم يڪجهتي ڏينهن جي حوالي سان گڏيل قومن جي تنظيم ڪان پرزور مطالبو ٿا ڪيون ته ڪشمير کي آزاد ڪيو وڃي، انهن سان ٿيندڙ ظلم جو ڀارت ڪان ازالو ورتو وڃي ۽ ڪشميرين تي ظلم بند ڪيو وڃي. ريلي کي خطاب ڪندي خالد لغاري چيو ته مودي سرڪار انسانيت جون حدون اورانگهيون آهن. جيڪي ڪنهن به عالمي تنظيمن کي نظر نه پيون اچن. ڪشميري مسلمانن جو ظلم کي منهن ڏيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي. ڪشميري عوام سان يوم يڪجهتي جي ڏينهن جي حوالي سان گڏيل قومن جي تنظيمن ۽ مسلمان ملڪن جي تنظيمن ڪان مطالبو ٿا ڪيون ته خدارا انسانيت ناتي ڪشميرين سان ظلم بند ڪيو وڃي، ڪشمير کي پاڪستان جي رياست جو درجو ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 22

ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن بعد ريلي جلسي ۾ تبديل ٿي وئي، ريلي ۾ ضلعي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پلي ڪارڊ ڪنيل هئا جن تي نعرا لکيل هئا ڪشمير جي آزادي تائين جنگ جاري رهندي، ڀارت جي خاتمي تائين جنگ جاري رهندي، جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي، بدين ضلعي جي امير سيدعلي مردان شاه چيو ته ڪشمير اسان جي شه رگ دشمن جي قبضي ۾ آهي، اسان ان شه رگ کي به آزاد ڪرائڻ چاهيون ٿا، جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي وڌيڪ چيو ته ڪشمير دشمن جي قبضي ۾ آهي. رياستي جبر ۽ تشدد ذريعي ڪشميرين کي سندن حقن ڪان محروم نٿو ڪري سگهجي، ڪشميري عوام جي جدوجهد ۾ اڪيلو نه آهن. جماعت اسلامي ضلعي بدين جي امير سيد علي مردان شا چيو آهي ته ڪشميري مجاهد پاڪستان جي بقا جي جنگ وڙهي رهيا آهن. هڪ ڏينهن ڪشمير پاڪستان جو حصو ضرور بڻجندو ان موقعي تي الله بچايو هاليپوٽو. فتح خان ڪوسو علي گل جکسي محمد موسي ملاح ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 23

ملوث چاٽايل جوابدار ڊيلر نارو ناڪر لنداڻو اسٽاپ وٽان گلاب لغاري پوليس هٿان گرفتار پوليس موجب گرفتار جوابدار روزانو لکين روپين جي منشيات وڪرو ڪرائي ٿو ايس ايس پي بدين جي سخت هدايتن تي ڪاروايي ڪري ڪين گرفتار ڪرڻ بعد سندس جي قبضي مان 1000 گهٽڪو مين پڙيون برآمد ٿيون جڏهن ته گلاب لغاري ٿاڻي تي سرڪار جي فرياد تي منشيات ايڪٽ تحت چاٽايل جوابدار مٿان ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 24

ڀائرن سان اظهار يڪجهتي تحت مختلف ريليون ڪڍي وئيون تفصيل موجب اڄ ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۾ ضلعي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارن پاران ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاء ڊپٽي ڪمشنر منور علي مليائي جي سربراهي هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪان گهنٽا گهر تائين ريلي ڪڍي وئي . ريلي ۾ شريڪ ٿيندڙ ماڻهن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪشمير ٿيندو پاڪستان .پاڪستان زنده باد ، پاڪ فوج زنده باد ۽ ڀارت پاران ڪشميري عوام تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف نعرا هنيا ۽ پاڪستان ۽ ڪشمير جو جهنڊو پڻ ڦڙڪايو ريلي کي ڊپٽي ڪمشنر منور علي مليائي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ضلعي جو عوام ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته پوري پاڪستاني قوم ڪشميري عوام سان گڏ آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڀارت پاران ڪشميري عوام ۽ ڪشمير جي آزادي لاء ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي اسان کي دنيا کي ٻڌائڻو آهي ته ڀارت دنيا ۾ رياستي دشتگردي ڪري پيو جيڪا قابل مذمت آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته مودي هڪ ظالم آهي جيڪو ڪشميرين مٿان ظلم ڪري رهيو آهي اسان پوري قوم ڀارت کي پنهنجي مقصد ۾ هرگز ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين .ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ شهرين استادن . مختلف

اسڪولن جي شاگردن صحافين پوليس ، سول سوسائٽي نمائدن .ضلعي اينجيئوز جي اڳواڻن ۽ مختلف ڪاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 25

سابق چونڊيل ڪائونسلر محمد صلاح چانڊيو، جيئي سنڌ محاذ مرڪزي اڳواڻ عبدالغفار ميرجت، ڪامريڊ مجيب الرحمان چانڊيو، زاهد حيدر چانڊيو، سماجي اڳواڻن نياز حيدري، رياض ڪلهوڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ سرعام منشيات وڪرو پئي ٿئي ان ڪان علاوه چوريون ڌاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن پر پوليس انهن خلاف ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاء تيار ناهي چو ته پوليس اتا منٿلي وصول پئي ڪري پر افسوس جو پوليس هڪ سياسي ماڻهون جيڪو قومي عوامي تحريڪ جو ضلعي صدر آهي علي اڪبر خاصخيلي جيڪو پڻ هڪ دڪاندار به آهي ان کي ٻاهري اسٽيشن جي پوليس وڳڻ ٿاڻي جو ايس ايچ او منظور چانڊيو اڄي ٿو جيڪو بغير ڪنهن ايف آئي آر جي دڪان تان کنيي کڻي وڃي تشدد ڪري ٿو جيڪو عمل انتهائي مزمت جوڳو آهي، چو ته جيڪا پوليس عوام جي حفاظت لاء عوام جي ٽيڪس مان پگهار کڻي ٿي اها عوام جي حفاظت نه ته ٻئي ڪري سگهي پر اجا وڏيرن جي چاپلوسي ڪندي هڪ سياسي ڪارڪن کي کنيي تشدد جو نشانو بڻائي پئي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته ايس ايچ او منظور چانڊيو خلاف ايف آئي آر داخل ڪري سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ قومي عوامي تحريڪ طرفان احتجاجي سلسلو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 26

غريب ۽ مستحق جوڙن جي اجتماعي شاديءَ جي تقريب چام شادي هال مليائيءَ ضلع نوشهروفيروز ۾ منعقد ڪئي ويئي جنهن ۾ ضلعي نوشهروفيروز جي سمورن تعلقن مان مستحق جوڙن جي چونڊ ڪئي وئي هن تقريب جا سمورا انتظامات اصغريه پاڪستان جي ذمي هئا جڏهن ته اصغريه پاڪستان جي چيئرمين لطف علي مهدي خصوصي شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن محمد يوسف حسيني، سيد علي نقي ڪاظمي، سيد اظهارالحسن ڪاظمي اعجاز ممنائي حامد علي حسيني، مهدي رضا ۽ ٻين تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مولا علي عليه السلام جي آمد جهڙي خوشيءَ جي موقعي تي اجتماعي شادين جي تقريب منعقد ڪرڻ غريب ۽ مستحق ماڻهن جي خوشين ۾ اضافو ڪرڻ آهي. موجوده سيلاب سبب ماروئڙا ڪيترن ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻيل آهن. انڪري ماروئڙن جي پريشاني دور ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي تقريب ۾ معزز شهرين . سياسي سماجي اڳواڻن. صحافين سميت گهوٽن ۽ ڪنوارن جي والدين ۽ مذهبي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجتماعي شادين واري تقريب ۾ آيل معززين کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍايا ويا

بقايا سنڌيار 27

کي حق ڏيڻ، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاران مطالبو تفصيل موجب 5 فيبروري تي ضلعي انتظاميه پاران ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاء جهاز چوڪ ڪان شڪارپور پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ روينيو صحت ڪاتي سوشل ويلفيئر، پوليس، لوڪل گورنمينٽ ۽ تعليم ڪاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي. ريلي جي اڳواڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر وسيم شيخ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور عرفان احمد نظاماڻي ڪئي. ريلي سان خطاب ڪندي ڊي ايچ او هيلٿ. اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻين چيو ته گذشته ستهتر سالن ڪان هندستان ڪشميرين جي آزادي راء جو حق غضب ڪيو ويٺو آ ۽ دنيا ان تي خاموش آ، پر پاڪستاني عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان گڏ آهي. هنن چيو ته ڪشميرين اڳ به پاڪستان سان گڏ ٿيڻ لاء هر فورم تي گڏ هجڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن اقوام متحده جي قرارداد تحت راء ورتي وئي ته ڪشميري پاڪستان جي حق ۾ رايو ڏيندا. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن ڪشميرين ، پاڪستان ۽ پاڪستاني فوج جي حق ۾ نعرا هنيا. ان ڪان پوئتين جماعت اسلامي، جي يو آء ۽ ٻين شهري تنظمين ڪشميرين جي حق ۾ ريليون پڻ ڪڍيون.

بقايا سنڌيار 28

پريس ڪلب وارهه آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌي ادبي سنگت شاخ وارهه جي سيڪريٽري علي عمران، ضلعي رابطه سيڪريٽري نجيب چانڊيو عرفان منان، عاشق چانڊيو، جبران چنو سجاد گل، نظير روگي، جسم اڳواڻ غفار ميرجت، ايس يو پي اڳواڻ وقار رضا، عوامي تحريڪ اڳواڻ مجيب چانڊيئي ۽ ٻين چيو ته سنڌي ٻولي هڪ قديم ۽ لسانياتي پرک جي حوالي سان شاهوڪار ٻولي آهي جنهن جي ترقي ۽ وجود سان سنڌي قوم جي ترقي ۽ وجود لاڳاپيل آهي پر هن ملڪ جو وفاقي ۽ قومن جو انڪاري نظام سنڌي ٻولي کي ميسارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي جنهنڪري سنڌي مضمون کي لازم پڙهائڻ جي ٻولي قانون 1972 تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ گڏوگڏ سنڌ سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۽ ٻين ادارن ۾ سنڌي ٻولي کي اهميت نٿي ڏني وڃي ۽ ايئن تصور ڪيو پيو وڃي ته جڻ سنڌي ڳالهائيندڙ ڄڻ هجن اها روش سنڌي ادبي سنگت يا سنڌ جي ساڃاهه وندن کي قبول ناهي. اسان گهر ڪريون ٿا ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي سنڌي مضمون کي لازم پڙهايو وڃي.

بقايا سنڌيار 29

رهيا هياسين ۽ پوءِ برسات کان پوءِ پنهنجي گهر واپس اچڻ ڪان پوءِ ڳوٺ جو باثر طارق ، راحب راڻ سيال منهنجي گهر جي جڳهه تي قبضو ڪرڻ جي نيت سان اسان جي گهر تي هلان ڪري اسان کي ڌڪ هڻي گهر مان ڪڍي گهر تي قبضو ڪري ويهي رهيا آهن جنهن جي ايف آء آر خانواهڻ ٿاڻي تي ڪٽرائي آهي پر جوابدار باثر هجڻ ڪري اسان جو ڪو به تدارڪ نه ٿو ٿئي هنن آء جي سنڌ ، ڊي آء جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس پي نوشهرو فيروز کان مطالبو ڪيو ته اسان جي گهر تي ٿيل قبضو ختم ڪرائي ڏنو وڃي ۽ گهربل جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 30

۾ ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي تحت ريلي ڪڍي ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاء غوثيور هائير سيڪنڊري اسڪول جي انچارج عبدالرحمان شاه جيلاني سليم شاه جيلاني اشفاق احمد شاه جيلاني استاد محمد اسحاق ادراڻي استاد عبدالغفار سومرو استاد عزيز مهر استاد برڪت علي ملڪ استاد فخر شاه جي سربراهي ۾ . ريلي شريڪ ٿيندڙ استادن بينر کڻي ڪشمير ٿيندو پاڪستان .پاڪستان زنده

باد . پاڪ فوج زنده باد ۽ ڀارت پاران ڪشميري عوام تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف نعرا هنيا ۽ پاڪستان جو عوام ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته پوري پاڪستاني قوم ڪشميري عوام سان گڏ آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڀارت پاران ڪشميري عوام ۽ ڪشمير جي آزادي لاء ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي اسان کي دنيا کي ٻڌائڻو آهي ته ڀارت دنيا ۾ رياستي دشتگردي ڪري پيو جيڪا قابل مذمت آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته مودي هڪ ظالم آهي جيڪو ڪشميرين مٿان ظلم ڪري رهيو آهي اسان پوري قوم ڀارت کي پنهنجي مقصد ۾ هرگز ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين.

بقايا سنڌيار 31

پرويز مشرف جهڙي عظيم شخصيت کان محروم ٿي ويو.

بقايا سنڌيار 32

آهي. ڀارت ڪشميرين تي ظلم ڪري رهيو آهي اسين ڪشميرين جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي مدد جاري رکنداسين، هن وڌيڪ چيو ته ڀارتي فوج جي هٿان ڪشميرين تي ٿيندڙ ظلم ختم ڪرڻ لاءِ گڏيل قومون ڪردار ادا ڪن ۽ حڪومت پاڪستان ۽ پاڪ آرمي کي اپيل ٿا ڪيون ته ڀارت جي ايل او سي خلاف ڀڃڪڙين ۽ سازشن جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو وڃي، پروفيسر سيد حب علي شاه چيو ته پوري دنيا ۾ مسلمانن خلاف محاذ کليل آهن اقوام متحده خاموش چو آهي ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته مسلمانن هڪ پليٽ فارم تي گڏ ناهن جيستائين اسين متحد نه ٿينداسين تيستائين ڪشمير جي آزادي، فلسطين جي آزادي، بوسينا جي مسلمانن جا مسئلا حل نه ٿيندا، پروفيسر قاضي سڪندر چيو ته ڪشمير زمين تي جنت مثل آهي، معاشي طور جيڪا ورهاست ڪئي وئي ان ۾ منافقت ڪئي وئي ڪشمير ۾ اڪثريت مسلمانن جي آهي جيڪي پاڪستان سان گڏ رهڻ چاهن ٿا اقوم متحده جي منظور ڪيل چارٽر تي عمل ڪيو وڃي ۽ ڪشمير کي حق خود اراديت جو موقعو ڏنو وڃي، ريليءَ ۾ شاگردن ۽ استادن گڏيل طور شرڪت ڪئي، پروفيسر سڪندر لغاري چيو ته اسلامي ملڪ گڏيل طور اقوام متحده ۽ ڀارت تي زور وجهن ۽ ڪشميرين کي پنهنجي حق خود اراديت جو حق استعمال ڪرڻ ڏين ۽ ڪشميرين جي قتل عام جي شديد ۾ لفظن مذمت ڪئي وئي، آخر ۾ گڏيل طور اقوام متحده ڪان مطالبو ڪيو ويو ته ڪشميرين مٿان تشدد ظلم ۽ جبر بند ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 33

جي نالي سان تنظيم قائم ڪري ورتي خبر موجب ضلعي گهوٽڪي جي اسڪريپ ڊيلرز ڪباڙ جو ڪاروبار ڪندڙن پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ ۽ پنهنجي حقن جي حفاظت لاء آل اسڪريپ ڊيلرز ويلفيئر سوسائٽي گهوٽڪي جي نالي سان تنظيم قائم ڪري ورتي آهي، جنهن ۾ صدر حزب الله پتافي ,سينيئر نائب صدر محمد حبيب پتي، نائب صدر عبدالفتاح ڪاڇون نائب صدر 2 بابر آصف راڄپوت، جوائنٽ سيڪريٽري الله ڏنو منگي، اطلاعات سيڪريٽري شاهد حسين ملڪ پريس سيڪريٽري پورل ٽاتوري، خزانچي تاج محمد شيخ آفيس سيڪريٽري رفيق احمد پتافي چونڊيا ويا جڏهن ته ميمبر ايگزيڪيٽيو ڪاميٽي عبدالحفيظ ڏهر,مرتضي لغاري,امجد علي ملڪ محمد سلير، بروچ خان ڏ هر چونڊيا ويا ، عهديدارن جي چونڊ جي تقريب ڏهرڪي ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ڪباڙ جو ڪاروبار ڪندڙ واپارين چيو ته گهوٽڪي ۾ اسڪريپ ڊيلرز جي يونين جو نه هجڻ ڪري اسڪريپ ڊيلرز تمام پوئتي هيا اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙ ڪباڙ جو واپار ڪندڙن سيني واپارين وچن ڪيو ته هاڻي هو هر محاذ تي هڪ ٻي سان گڏ هوندا، پنهنجي حقن جي حفاظت ڪندا ۽ پنهنجي علائقن ۾ فلاحي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺندا

بقايا سنڌيار 34

جڏهن ته ميمبرن ۾ دلدار سيلرو سعيد احمد پٽو ساجد مغل عمران راڄپر، آصف لاشاري، سرفراز ميمڻ، عبدالباسط سومرو شامل آهن. نيشنل پريس ڪلب اوپر جي ٿيندڙ ساليانى چونڊن ۾ سينيئر صحافين باغي ساگر پنهوار، ثناء الله هڪڙو، عمران ميزان صفدر ابڙو، منير لاشاري، سعيد راڄپر سياسي سماجي اڳواڻن نورخان برفت، ايس اين پي جي رمضان بليدي، مسلم ليگ (ن) سنڌ جي سينيئر نائب صدر غلام سرور ٽونيو مير محمد راڄپر، الاهي بخش پاڳت، يار محمد شاهاڻي، سيد شهزاد رضا ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي چونڊيل باڊي جي عهديدارن چيو ته هو علائقائي مسئلن کي بنا فرق جي اجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي. جڏهن ته سياسي سماجي اڳواڻن جو چوڻ هو ته نيشنل پريس ڪلب اوپر جي صحافين هميشه مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏيندي سندن آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائڻ جي جستجو ڪئي آهي اسين اها اميد ٿا ڪريون ته مستقبل ۾ به پنهنجا صحافتي فرض ايماندار سچائي سان نڀائيندا. ان موقعي تي چونڊيل عهديدار کي گلن جا هار پارائي ڪين مبارڪون ڏنيون ويون جڏهن ته پريس ڪلب طرفان آيل مهمانن کي روايتي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا نيشنل پريس ڪلب اوپر طرفان 21 فيبروري تي ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب منعقد ڪرڻ سميت سال 2023 کي سنڌي ٻوليءَ جي سال طور ملهائڻ لاءِ مختلف پروگرام ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 35

عضب جهڙي آپريشن جي ضرورت آهي: علي شاه راشدي/ پير بخش پٽي اقوام متحد کي گهرجي ته ڪشميري عوام مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت تي نوٽيس وٺن ۽ ڪين فوري طور آزاد ڪرائڻ جو حڪم ڏين: سعد کورائي/ شربت لغاري ڪشمير جي آزادي تائين اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين: اللهڏيوايو ڪلهوڙو ڪشمير معاملي تي سياسي پارٽين جي خاموشي ڪيترائي سوال اٿاري ٿي، عوام جي دلين ۾ فوج لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ جهڙيون ناڪام ڪوششون ڪيون پيون وڃن جيڪي پنهنجي مقصد ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا: جاويد لاشاري قومي امن ڪاميٽي جو مرڪزي چيئرمين سيد علي شاه راشدي ريلي ۾ خصوصي طور شرڪت ڪئي تفصيل موجب قومي امن ڪاميٽي ضلع گهوٽڪي طرفان ميرپورماٿيلو يوم يڪجهتي ڪشمير ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف رستن ڪان ٿيندي پٽائي چوڪ تي پهتي ريلي ۾ هڪ هزار فوٽ پاڪستان جو جهنڊو هٿن ۾ کنيو ويو "ڪشمير بنيگا پاڪستان " پاڪ فوج زنده آباد " پاڪستان زنده باد " جا نعرا لڳايا ويا

بقايا سنڌيار 36

خاطر استعمال ٿيندڙ سولر پليٽون چور لاهي ڪئي ٿا وڃن اهو سلو ڪافي وقت کان جاري و ساري آهي پر باوجود شهرين جي گهٽي گهوڙا گهوڙا جي به پوليس ڪک پچي ٻيڙون نٿي ڪري جنهن شهري سخت پريشان آهن ان سلسلي ۾ گذريل رات به شهر جي غريب آباد واري علائقي ڪيڏڻ روڊ تان پٽائي الحدا اسڪول مدينا ٽائون مان ماسٽر شوڪت حسين پرگڙي جي گهر جي ڇت تي لڳل 4 سولر پليٽون لاهي هليا ويا آهن اهڙي شڪايت اللصبح متاثر گهر مالڪ شوڪت بدين پوليس کي ڪئي آهي جڏهن ته ان کان هڪنرات اڳ به ڪينٽ روڊ ۽ ڪوسڪي روڊ جي وچ واري صديق ڪنيار پاڙي ۾ چور ماسٽر هارون مهراڻ پوٽو جو ٻڪريون گهر لڳ واڙي مان چوري ڪاهي ويا آهن ساڳئي رات هڪ ٻي شهري جون به چور به سولر پليٽون لاهي ويا اهڙيون شڪايتون روز جو معمول آهن پر چورين جي روح ٿام لاء ڪي به خاطر خواه اپاء نٿا ڪنيا وڃن جو شهري سڪون سان سمهي سگهن بدين جي شهرين آئي جي سنڌ ڪان بدين ۾ پوليس جي روايتي سستي تي نوٽيس وٺي رات جي پيٽرولنگ وڌائڻ ۽ چورين جي خاتمي لاء ٺوس قدم کڻڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 37

فيصل قادري،حاجي ياسين، امير دادو ڪامران ملڪ، افضال قادري، بشير احمد چانڊيو، عبدالڪريم، غلام رسول، نظام الدين چنه ۽ ماڻهن جي وڏي انگ ۽ مختلف مڪاتب فڪر سان تعلق رکندڙ سياسي سماجي ماڻهن ۽ ذاڪرن شرڪت ڪئي جلوس کي خطاب ڪندي اڳواڻن حاجي يونس جمال ، ۽ محمد ياسين، چيو ته حضرت امام علي عليه السلام هر مؤمن جا مولا آهن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته جنهن جو مان مولا آهيان ان جو علي مولا آهي علي سائين جو اهو شان آهي ته هو ڪعبه ۾ پيدا ٿيو مولا علي جو ذڪر عبادت آهي جشن ولادت حضرت امام علي عليه السلام جي موقعي تي انجمن سرفروشان اسلام پاڪستان ڪشميري مسلمانن سان اظهار يڪجهتي ڪري ٿي انجمن سرفروشان اسلام جو پيغام ته اهل بيت سان محبت ڪريو ۽ مولا علي عليه السلام جي نقش قدم تي هلو دل جي دڙڪنن سان هر وقت الله پاڪ جو ذڪر ڪيو ۽ وڌيڪ چيو ته آزادي ڪشمير جو بنيادي حق آهي. انشاء الله ڪشمير جلد آزاد ٿي پاڪستان جو حصو بڻجندو پاڪ فوج هميشه بيشمار قربانيون ڏئي سرزمين پاڪستان جي حفاظت ڪئي آهي. آخر ۾ ڪشمير جي آزادي ۽ پاڪستان جي خوشحالي امن امان سلامتي ۽ ترقي لاء دعا گهري وئي

بقايا سنڌيار 38

درگاه تي پهتي جتي سجاد علي ڪوڪر قمبر علي ڪوڪر وسيم علي ملاح اسرار علي سهتو پاران مولا علي جي شان ۾ قصيده پڙهيا وئي ۽ آخر ۾ 13 رجب ولادت با سعادت حضرت علي عليه سالام جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ مومن ۾ مٺايون تقسيم ڪيو ويون

بقايا سنڌيار 39

سان ظلم بند ڪيو وڃي جا نعرا هنيا، ان موقعي تي شاگردن جو چوڻ هو ته مودي سرڪار ڪشميري ڀائرن تي ظلم جي انتها ڪئي آهي هنن عالمي ادارن ڪان مطالبو ڪيو ته ڪشميري ڀائرن کي اسان جيئن آزاد ڪيو وڃي ته آهي اسان وانگي آزادي سان تعليم پرائي ۽ جي سگهن.

بقايا سنڌيار 40

احتجاج ڪيو ان موقعي تي هنن جو چوڻ هو ته سکر ۾ ڊيوٽي ڪندڙ باثر پوليس اهلڪار مرتضئ مهر منٿلي وٺڻ لاء اسانکي ناحق تنگ ڪري رهيو آهي منٿلي نه ڏيڻ تي هن چاقن سان حملو ڪري زخمي ڪيو آهي هنن چيو ته اسان پورهيت آهيون هوٽل هلائي پيٽ گذر ڪندا آهيون مگر پوليس اهلڪار مرتضئ مهر اسانجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هنن آء جي سنڌ، ڊي آء جي سکر، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کي پوليس اهلڪار جي زيادتين جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 41

ٽي بي ٽنڊو محمد خان جي ضلعي صدر اقبال حاجاڻو سارنگ شاه, انيس صبحپوٽو ڪامريڊ جمن سمون, پ ٽ الف اڳواڻ شاهنواز مهر, عارف قريشي, اشفاق سمون, تعلقه ايجوڪيشن آفيسر (سيڪنڊري) سيد امجد شاه, تعلقه ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) راجا نثار ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اديبن, دانشورن, شاعرن, سگهڙن, ساڃاهه وندن, استادن, سياسي, سماجي ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت ڪري سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاء سخت نعريبازي ڪئي, ان موقعي تي بک هڙتالي ڪئمپ تي موجود اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۽ سنڌي ٻولي هزارين سالن جي تهذيب, تاريخ, ثقافت رکندڙ آهي, ان باوجود سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو نه ملڻ افسوسناڪ عمل آهي, هنن پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ٻولي سان وفا جو وچن ورجائيندي چيو ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ملڻ تائين جاڳرتا مهم جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 42

مغل, دودل خان نوح پوٽو ۽ محبت علي ملڪ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. سرڪاري آفيسن, بازارن, شادي هالن جي ٻاهران موٽرسائيڪلون چوري ٿي رهيون آهن, ڪوٽڙي ڪبير روڊ, محرابپور پيروسن روڊ نوگوايريا بڻجي ويو آهي, سچ لکڻ وارن صحافين کي خاص ڪري نشانو بڻايو پيو وڃي, نادرا آفيس ٻاهران چور عزيز اڪبر نوح پوٽو جي موٽرسائيڪل چوري ڪري ويا, جڏهن ته محرابپور پريس ڪلب جي سينيئر صحافي محمد علي ملڪ. ,محبت علي ملڪ جي پائٽي احمر ملڪ جي چوري ٿيل موٽرسائيڪل ايس ايچ او محرابپور مجيب الرحمان ناريجو واعدي موجب بازياب نه ڪرائي سگهيو آهي, جنهن تي اسان احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهيون ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي ڪان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 43

امن ميلي ۾ پاڪستان مان گهوڙن جي شوقينن جي شرڪت، ڪچي توڙي پڪي جي ماڻهن تفريح به ڪئي، خبرموجب سرحد پرسان فتح پور ۾ پ پ اڳواڻ مير احسان خان سندراڻي، مير حمزه خان سندراڻي، مير نويد خان سندراڻي پاران سورهون ساليانو امن ميلو ڪرايو ويو جنهن ۾ صوبائي صلاحڪار سردار بنگل خان مهر، سردار منظور خان پنهور، محمد خان جوڻيجو، ايم اين اي رياض خان مزاري، اظهر خان لغاري، مير شفقت خان جکراڻي، جازيب خان ڊومڪي، نثار خان ڪوسو، چنگيز خان پنهور، مير وحيد خان رند، رئيس عبدالسبحان ساوند، چيف احمد علي ملڪ، احسان عارباڻي، اويس خان سندراڻي، تميز خان، سعود خان سندراڻي سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي امن ميلي ۾ مختلف جوڙن جي گهوڙن ۾ ڊوڙ جا مقابلا ڪرايا ويا، ڊوڙ جي مقابلن ۾ پهرين جوڙ ۾ مير منظور خان پنهور جي گهوڙي پهرين پوزيشن حاصل ڪري ميلي کي لٽي ورتو، جڏهن ته ٻئي جوڙ ۾ مير احسان خان جي گهوڙي سوپ حاصل ڪئي حاصل ڪئي ۽ ٽين جوڙ ۾ مير حمزه خان سندراڻي جي گهوڙي ڊوڙ جو مقابلو ڪٽي ورتو امن ميلي ۾ پوري پاڪستان ڪان هزارين گهوڙن جا شوقين پهتل هئا جڏهن ته ٽي سئو ڪان وڌيڪ گهوڙن ڊوڙ ۾ حصو ورتو ان ڪان علاوه امن ميلي ۾ ڪچي توڙي پڪي ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تفريح پڻ حاصل ڪئي، امن ميلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مير احسان خان سندراڻي جو چوڻ هو ته گهٽ ۽ بوسٽ واري ماحول ۾ امن ميلو ڪرائي گهوڙن جي ڊوڙ ڪرائڻ سان ماڻهن کي تفريح ملندي گهوڙن جو شوق اسانجي ثقافت جو حصو آهي اڄ به گهوڙن جي شوق کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي

بقايا سنڌيار 44

شاه امير خالد لغاري ۽ ناظم اسدالله چانڊيو جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي تعلقه آفيس ڪان يوم ڪشمير ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جماعت جي سرگرم ڪارڪنن، شهرين توڙي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي. جماعت اسلامي آفيس ڪان ريلي ڪڍي شهر جي مين اسٽاپ تائين "ڪشمير بڻبو پاڪستان، ڪشميري مسلمانن تي ظلم بند ڪيو" جا اپ ڏاريندڙ نعرا هنيا ويا. ريلي کي خطاب ڪندي ناظم جماعت اسلامي اسدالله چانڊيو چيو ته مودي سرڪاري فاشزم جا سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن. ڪافي عرصي ڪان وٺي، مسلمانن نوجوانن، توڙي پوڙهن ٻڪن کي بيگناه شهيد ڪيو پيو وڃي، اڄ ڪشميرين جي يوم يڪجهتي ڏينهن جي حوالي سان گڏيل قومن جي تنظيم ڪان پرزور مطالبو ٿا ڪيون ته ڪشمير کي آزاد ڪيو وڃي، انهن سان ٿيندڙ ظلم جو ڀارت ڪان ازالو ورتو وڃي ۽ ڪشميرين تي ظلم بند ڪيو وڃي. ريلي کي خطاب ڪندي خالد لغاري چيو ته مودي سرڪار انسانيت جون حدون اورانگهيون آهن. جيڪي ڪنهن به عالمي تنظيمن کي نظر نه پيون اچن. ڪشميري مسلمانن جو ظلم کي منهن ڏيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، ڪشميري عوام سان يوم يڪجهتي جي ڏينهن جي حوالي سان گڏيل قومن جي تنظيمن ۽ مسلمان ملڪن جي تنظيمن ڪان مطالبو ٿا ڪيون ته خدارا انسانيت ناتي ڪشميرين سان ظلم بند ڪيو وڃي، ڪشمير کي پاڪستان جي رياست جو درجو ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 45

پريس ڪلب وارهه آڏو احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌي ادبي سنگت شاخ وارهه جي سيڪريٽري علي عمران، ضلعي رابطه سيڪريٽري نجيب چانڊيو عرفان منان، عاشق چانڊيو، جبران چنو سجاد گل، نظير روگي، جسم اڳواڻ غفار ميرجت، ايس يو پي اڳواڻ وقار رضا، عوامي تحريڪ اڳواڻ مجيب چانڊيئي ۽ ٻين چيو ته سنڌي ٻولي هڪ قديم ۽ لسانياتي پرک جي حوالي سان شاهوڪار ٻولي آهي جنهن جي ترقي ۽ وجود سان سنڌي قوم جي ترقي ۽ وجود لاڳاپيل آهي پر هن ملڪ جو وفاقي ۽ قومن جو انڪاري نظام سنڌي ٻولي کي ميسارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي جنهنڪري سنڌي مضمون کي لازم پڙهائڻ جي ٻولي قانون 1972 تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ گڏوگڏ سنڌ سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۽ ٻين ادارن ۾ سنڌي ٻولي کي اهميت نٿي ڏني وڃي ۽ ايئن تصور ڪيو پيو وڃي ته جڻ سنڌي ڳالهائيندڙ ڄڻ هجن اها روش سنڌي ادبي سنگت يا سنڌ جي ساڃاهه وندن کي قبول ناهي. اسان گهر ڪريون ٿا ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي سنڌي مضمون کي لازم پڙهايو وڃي.

بقايا سنڌيار 46

ڀائرن سان اظهار يڪجهتي تحت مختلف ريليون ڪڍي وئيون تفصيل موجب اڄ ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۾ ضلعي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارن پاران ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ لاء ڊپٽي ڪمشنر منور علي مليائي جي سربراهي هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪان گهنٽا گهر تائين ريلي ڪڍي وئي . ريلي ۾ شريڪ ٿيندڙ ماڻهن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪشمير ٿيندو پاڪستان . پاڪستان زنده باد . پاڪ فوج زنده باد ۽ ڀارت پاران ڪشميري عوام تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف نعرا هنيا ۽ پاڪستان ۽ ڪشمير جو جهنڊو پڻ ڦڙڪايو ريلي کي ڊپٽي ڪمشنر منور علي مليائي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ضلعي جو عوام ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته پوري پاڪستاني قوم ڪشميري عوام سان گڏ آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڀارت پاران ڪشميري عوام ۽ ڪشمير جي آزادي لاء ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي اسان کي دنيا کي ٻڌائڻو آهي ته ڀارت دنيا ۾ رياستي دشتگردي ڪري پيو جيڪا قابل مذمت آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته مودي هڪ ظالم آهي جيڪو ڪشميرين مٿان ظلم ڪري رهيو آهي اسان پوري قوم ڀارت کي پنهنجي مقصد ۾ هرگز ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين .ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ شهرين استادن . مختلف اسڪولن جي شاگردن صحافين پوليس ، سول سوسائٽي نمائدن .ضلعي اينجيئوز جي اڳواڻن ۽ مختلف ڪاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 47

جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ استادن . شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي تفصيل موجب. خيرپورناٿن شاه جي بوائز هاء اسڪول ۾ ڪشمير جو ڏهاڙو هيڊماستر الهورايو ڪوسو جي اڳواڻي ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ استادن . شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪشمير ۽ پاڪستان جا جهنڊا ڦڙڪايا ۽ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي هيڊماستر الهورايو ڪوسو . عبدالرزاق ٻبر . اشتياق حسين ڳاڏهي . سيد عاشق حسين شاه . الهرکيو ڪوسو ضمير احمد ملاح . قادربخش ڪنير , راجا بجاج ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪشمير پاڪستان جي ساه رڳ آهي ڀارت جي بربريت ۽ ظلم جي مذمت ڪجي ٿي ڪشميري ڀائرن جي اخلاقي مدد جاري رکبي هنن گڏيل قومن ڪان مطالبو ڪيو ته اقوام متحد ۾ پاس ٿيل قرارداد مطابق آزادي ڏني وڃي.